سنڌو سڀتا جا قديم ماڳ

(تاريخ)

رڪ سنڌي

ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
2024ع

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌو سڀتا جا قديم ماڳ
مصنف: رک سنڌي

ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ

ڇپيندڙ:

ڇاپو: پهريون، مئي 2024ع

Book: Indus Valley Civilization sites
Author: Ruk Sindhi
Publisher: Kavita Publication, Hyderabad Sindh
Printer:
First Edition: May 2024

مهاڳ

سنڌو ماٿري جي تهذيب اڄ کان هڪ صدي اڳ برصغير تي برطانوي قبضي دوران دريافت ڪئي وئي. دنيا جهان جا ماهر ان تي تحقيق ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ ڪيئي پراجيڪٽ تيار ڪري ۾ ادارا جوڙي ڪوجنا ڪئي پئي وڃي. سنڌو سڀيتا تي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ جيتري تحقيق ٿي آهي، افسوس جو ان بابت ان خطي ۾ ايتري کوجنا نه ٿي آهي، جتي اها عظيم تهذيب پنهنجو وجود رکي ٿي. ڀارت کي ڇڏي، جيڪڏهن

پاڪستان تي نظر وجهجي ته هتي سنڌو تهذيب ڪان لاتعلقي جو رجحان انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. اصل ۾ سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ ماڻهن پنهنجي تهذيب جي وارثي ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي. دنيا اندر سنڌو ماٿري جي تهذيب تي جيڪا جديد تحقيق ٿي رهي آهي. ان ڪان به هتان جي ماڻهن ڪي اڻ ڄاڻ رکيو ويو آهي.

هن وقت تائين پاڪستان ۽ انڊيا ۾ سنڌو سڀيتا جا 2 هزار ڪان وڌيڪ ماڳ دريافت ٿي چڪا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب کي ان جا اصل وارث پنهنجو ڪن. ان تي پاڻ تحقيق ڪن. سنڌ ۾ تحقيقي ادارا قائم ڪري جديد سائنسي بنيادن تي کوجنا ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته جيستائين اسان پنهنجي تهذيبي ورثي جي پاڻ مالڪي نه ڪنداسين، تيستائين ان جي حقيقي ۽ روشن رخ کي دنيا آڏو نروار ڪري نه ٿا سگهون. هيءُ ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

رڪ سنڌي

حيدرآباد

سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ

موجوده جاگرافيائي سرحدن موجب، سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ، پاڪستان جي مڙني صوبن سميت افغانستان ۽ هندستان جي مختلف رياستن ۾ مليا آهن. ڇو جو اڄ کان سادا 9 هزار سال اڳ انهن مٿين ملڪن جا ڪجهه حصا سنڌو سڀيتا جي وارثن جي حڪومت هيٺ ۽ سرحدن ۾ شامل هئا.

اڄ تائين ٿيل تحقيق موجب سنڌو سڀيتا جا اٽڪل 2000 ماڳ ملي چڪا آهن. جن مان ڪجهه قديم آثارن □ پڙن جي کوٽائي ڪئي وئي آهي ته ڪن جي صرف نشاندهي ڪئي وئي آهي.

هيءُ ماڳ مشهور سنڌو سڀيتا جي ڳوناٺي ثقافت يا عروج جي دور شهري تمدن جا آهن. جيڪي ساڍا 7 هزار ق - م کان 1500 ق - م تائين آباد هيا. انهن شهرن □ تمام پراڻو ماڳ لاکين جو دڙو □ مهر ڳڙهه ساڍا 7 هزار ق - م جا □ ان بعد ڪلي گل محمد 4200 ق - م جو آهي. انهن ٽن پراڻن ماڳن کان سواءِ باقي شهر □ ڳوٺ سنڌو سڀيتا جي ٻن مشهور دورن سان واسطو رکن ٿا. جنهن □ اوائلي دور ”ڳوناٺي ثقافت“ جي نالي سان سڏجي ٿو، جيڪو 3500 ق - م کان 2300 ق - م جو آهي □ ٻيو دور سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور ”شهري تمدن“ جي نالي سان سڏجي ٿو. جيڪو 2500 ق - م کان 1500 ق - م جو آهي. ڳوناٺي ثقافت وارن ماڳن □ آمري □ ڪوٽڏجي اهم بستيون آهن □ شهري تمدن □ موهن جو دڙو، هڙاپا □ چانهون جو دڙو اهم بستيون آهن.

اسان هيٺ انهن مڙني قديم ماڳن مان ڪجهه اهم ماڳن جي فهرست ڏيڻ کان پوءِ، انهن ماڳن مان ڪن مکيه □ گهٽو اهم شهرن □ ڳوٺن بابت مختصر وچور پيش ڪريون ٿا.

سنڌ جا قديم ماڳ

موهن جو دڙو، آمري، ڪوٽڏجي، چانهون جو دڙو، ڳاڙهو ٻڙو، نهٽو، ترڙي گجو، ڪوهتراس بٺي، پانڌي واهي، علي مراد، ڊرب ڏيتڙي، تيڙ، لڪمير

جي ماڙي، ڪائي ٻني، لنڊي ٻني، ليمون جوٽيجو، غازي شاهه، نارو وارو دڙو، ڏنپ ٻني، ديهه ماڙي صابري، ڏيسوئي، الهڏنو، عاملاٽو، عارب جو ٽاٽو، شاهه جو ڪوٽڙو، ٻانڌٽي، چونرو، ڍال، ڏيجي جي ٽڪري، گورنڊي، حسن علي، جهڪڙ، جانگهارا، ڪرچات، ڪجور، لڪيو (پير لاڪو)، لوهري، ليلان جي ماڙي، لوهم جو دڙو، اورنگي، عثمان جي ٻني، پئي جو ڪوٽڙو، پوڪراڻ، ٽنڊو رحيم، تونگ ٻني، احمد شاهه، ٻڇاٽي، ٻانڌڙي، بيبي جي پٽ، ڇٽي جو ڪنڌ، ڍلاٽي جو ڪوٽ، جيري جو ڪلات، جڏيرن جو دڙو، ڪڇو ٻني، ڪنڊر پٽ، ڪانڌي واهي، ڪرهيو پير پانڊاري، ڪرنڊ جي پٽ، ڪوسو دڙو، ڪونج سر، لنڊي نوڙهي، لال ڇتو، ممڙو، مرڪان، مشتاق، ترگاٽي جو ڪنڌ، نڪا، ڦنگ، راڄو ديرو، روهيل جو ڪنڌ، سنياسي ٻني، نارو ٽڪري، نيڙهي ٻهادر شاهه، پير شاهه جڙيو، نيل بازار، جهانگري، منو ڏياٽو، ڏامراهو، ڪوتيشر، وجهڙوٽ، لاکين جو دڙو ۽ ٻيا شامل آهن.

بلوچستان جا قديم ماڳ

مهر ڳڙهه، ڪڙي گل محمد، دمب سادات، ستڪاجن در، نال، راڻا گنڊئي، ٻالاڪوٽ، دشتو، ستڪا ڪوهه، تربت، شاهي تمپ، واهل، بيلا، ڪولي، نندرا، نوڪجا شاهه، نندوري، ڪناڙ، ميهي، سرخ ڏنپ، خضدار، انجيرهه، پناٽي ڏمپ، ڪوٽرا، سياهه ڏنپ، قلات، گاند ڏمپ، ڪرتا، ٽوگائو، ٻابر ڪوٽ، شوجنگل، ڪناڙي، ڪيچي بيگ، ڪوئيٽا مري، مغل گندائي، پيراٽو گندائي، دبر ڪوٽ ۽ ٻيا شامل آهن.

پختون خواهه جا قديم ماڳ

بنون، سري کولا، کرم شاهه، گوملا، رحمان ڍيري، هٿالا، جهنگ، شهباز ڍيري ۽ ٻيا شامل آهن.

پنجاب جا قديم ماڳ

هڙاپا، گنويري والا، ٽرکي، سانڌ نارو، 24 ماڳ بهاولپور ۾ قديم هاڪڙي درياهه جي ڪنارن تي، لوري والا ٿر، بهوٽ، ڪدوالا، ونيوال، جلال پور، ليهه، چڪ پربان سيات، موسیٰ خيل ۽ ٻيا شامل آهن.

افغانستان ۾ منديگڪ ۽ ٻيا شامل آهن.

اوپر پنجاب، هريانه ۽ راجپوتانه ۾ قديم ماڳ

ڪالي بنگن، ڪوٽ پلان، ڪوجلا نيهنو، بارا، عالمگير پور، نگر، روپر، 14 ماڳ بيڪانير ۾، دوب، هريانه رياست ۾ راکي ڳڙهي ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪڇ ۾ قديم ماڳ

مندرا، ناوينال، مانڊوي، توديو، ناليا، انجار، ڪوٽڊا، پچ، ڪوٽڊا بادلي، نڪتارانا، ڏيسالپور، نارپا، ويدا، لکپت، لوٽي، ٻاٽي، ڪوٽرا، نيوني ڏر، ڪوٽاڊي، موريو، ڪيراسي، سرڪوندا، سيلاري، راپر، پد مهت، لاکپر، ڪنٽ ڪوٽ، ڪاري ڪاڪندا، پير وڏا کيتر، ڍولاويرا ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪاٺياواڙ ۾ قديم ماڳ

ڦالا، لاڪا ٻهاول، آمرا، هالار، گوپ، ڪنار ڪيڊا، سومنات، ڪانجيٽر، ونيوادر، روجڊي، اٽ ڪوٽ، ٻهم پاتال، ٻابر ڪوٽ، رانگپور، ديوالا، چڪائو، گوئي، پنسووا، لوٿل، ڪوٽ، نوستاريا، جمناگر، ميهگام، تيلوڊ، پڳتارو ۾ پيا شامل آهن.

موهن جو دڙو

انڊيا جي قديم آثارن جي ماهر راڪلداس بئنرجي 1918ع کان ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، ٻهاولپور ۽ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جا اهي 11 ٿل ڳولڻ لاءِ مختلف هنڌن جي جاچ ۾ کوٽائي ڪرائي رهيو هو. جيڪي سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳ پنهنجي ڪاهه دوران بياس نديءَ جي ڪناري ٺهرايا هئا ۽ مٿن يوناني ٻوليءَ ۾ هندي زبانن ۾ نوشتا اُڪرايا هئا. هن 1918ع کان 1922ع تائين وڏي جدوجهد بعد سنڌ ۾ ڪيرٿر کان سنڌونديءَ تائين جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 27 وڏن ۽ 53 ننڍن دڙن کي ڳولي، انهن جي کوٽائي ڪرائي، پر اتفاق سان اهي سڀ ٻڌ دور جا يادگار نڪتا. (1) ائين اتفاق سان هيءُ ماهر ووڙيندو ووڙيندو 1922ع ۾ اچي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري شهر کان 6 ميل پري هڪ ٻڌ اسٽوپا

وٽ پهتو، جيڪو ٻڌ دور جو هڪ مندر هيو. اهو ٿل سنڌونديءَ جي سطح کان 46 فوٽ مٿي هڪ دڙي تي هيو. جنهن ٿل جو ۾ اتان مليل ٻڌ ڌرم جي پکشن جي رهڻ جي جاين جو ان کان هيٺين تهن يا زماني سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه هو. هي مٿيون سڀ تعميرات ٻڌ ڌرم جي راجا واسديو (پهريون) جي دور جون هيون. اهي ان کان هيٺ موجود شهر جي تباهي کان پوءِ هزار سال گذرڻ بعد ان مٿان وري اڏيون ويون هيون. ان خيال کان ته زمين جي سطح کان مٿانهين جڳهه تي مذهبي آستان جوڙڻ سان ان جو سال بسال سنڌو جي ٻيندڙ ٻوڏين کان بچاءُ ٿي پئي سگهيو.

جڏهن بئنرجي ٽل پرسان ڪجهه کوٽائي ڪرائي ته ڪيس اتان پٿر جا ڪپ ۾ نکر جي ٿانون جو اهڙو ٺيڪرات هٿ آيس، جن جو ٻڌ دور سان ڪو به واسطو نه هيو. پر اهي ڪنهن هزارين سال پراڻي دور جي ڪنهن نرالي تهذيب جي نشاندهي ڪن پيا. (2) جڏهن بئنرجي استوپا پرسان کوٽائي ڪرائي ته اتان هن کي هڪ اهڙي مهر ملي، جيڪا شڪل ۾ صورت ۾ هڙاپا مان مليل هڪ تصويري رسم الخط واري مهر سان هڪ جهڙائي ڏيکاري پئي. جيڪا سر الگزينڊر ڪنگهم کي هڙاپا جي کوٽائي مان ملي هئي. (3) ان مان بئنرجي اندازو لڳايو ته هتان اجا ڪنهن قديم تهذيب تي روشني پوندي. جيڪا هڙاپا وانگر 5 هزار سال کن پراڻي هوندي. ڇو جو هتان ملندڙ ڪجهه اوزار ۾ نکر جا ٿانون هڙاپا مان انهن ئي ڏينهن ۾ ٿيندڙ کوٽائي مان ملي رهيا هئا. جيڪو هنڌ ان وقت برصغير ۾ سڀ کان پراڻو ۾ قديم شمار ڪيو ويندو هو. بس ايئن ئي سنڌ جي 5 هزار سال پراڻي تهذيب مٿان زمانن

جا پيل پردا ۾ لت لهڻ شروع ٿيا. قديم آثارن جي ماهرن جون پرڏيهي اخبارن ۾ هن عظيم تهذيب بابت رپورٽون ۽ بيان شايع ٿيڻ شروع ٿيا ۽ جلد ئي سڄي دنيا ۾ هن عظيم تهذيب ۽ تمدن جي هاڪ پئجي وئي. ان ئي کوٽائيءَ سنڌ ديس جي اڻ لکيل تاريخ ۾ 5 هزار سال اڳ جي سونهري دور جو اضافو ڪيو. برصغير سميت سڄي دنيا جي تاريخ جي شروعات هن خطي جي ذڪر سان شروع ٿيڻ لڳي.

موهن جي دڙي جي هن قديم ماڳ جي وڏيڪ کوٽائي ان وقت انڊيا جي قديم آثارن واري کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل جي نظرداريءَ هيٺ 1922ع جي سياري جي مند ۾ ٿي، جيڪا لاڳيتو 1927ع تائين هلي. ان کوٽائيءَ جو سمورو احوال سر جان مارشل ٽن ضخيم جلدن ۾ شايع ڪرايو. (4) وري ٻيو دفعو هن کنڊر جي کوٽائي ارنيسٽ مئڪي جي نظرداريءَ هيٺ ٿي. جنهن پنهنجو ڪم 1927ع کان 1931ع تائين ڪري ختم ڪيو ۽ پنهنجي تحقيقات کي جدا ڪتاب ۾ شايع ڪيو. (5) ان بعد وري ڊاڪٽر سر آر ايم وهيلر 1950ع کان هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي. وري 1965ع ۾ آمريڪي آرڪيالاجيڪل مشن جي سربراهه پروفيسر جارج ايف ڊيلز (يونيورسٽي آف پينسلونيا) طرفان وڏيڪ کوٽائي ڪرائي وئي. اهڙي طرح هن عظيم شهر جي کوٽائيءَ ۾ بئنرجي، سر جان مارشل، جارج ايف ڊيلز، هارگريوز، سروپ وتيس، ڪي اين ڊڪشٽ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ هيءُ 5 هزار سال پراڻي تهذيب ۽ تمدن جا نرالا رنگ ۽ ڍنگ ورهين گذرڻ بعد اسان جي سامهون آيا.

موهن جي دڙي جو تباهه ٿيل شـهر اتـر سـنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڪـراچي-ڪـوئيٽا ريلـوي لائين تي ڏوڪـريءَ جي اسٽيشـن کـان 6 ميـل پـري آهي. سنڌوندي هن ماڳ جي اوپر ۾ وهي ٿي. موهن جي دڙي جــو ڪنــڊر 240 ايڪــڙن ۾ ڦهليــل آهي. (6) لئمبرڪ جي چئي مطـابق هيءُ شـهر گهـيري ۾ ٽن ميلن کان به وڌيڪ ڦهليـل آهي ۾ هي تمـام گهـاٽي آدمشماريءَ وارو شهر هيو. (7) هي ڪنڊر هن وقت ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ ”مٿيون شهر“ جتــان شهر پناهه جا آثار مليـا آهن. جيڪـا ٻين جڳهن کـان ڪجهه مٿيري سطح تي جڙيل آهي. ان مٿين سطح تي جوڙيل اڏاوتن ۾ ميونسپل هـال ۾ شـهري ڪـاتن جي انتظاميــه جــون ســرڪاري آفيســون ۾ بنگلا، پاٽيءَ جو تلاءُ، ٽنهن وارو اسـيمبلي هـال ۾ هڪ وڏو ان جو پانڊو مليـو آهي. جيڪي مـٿين سـطح تي ان خيال کان ناهيا ويا ته جيئن سنڌو درياهه جي ٻــوڏن کان انهن جي حفاظت ٿي سگهي ۾ هيٺين شهر جا ماڻهو به مٿئين شهر جي قلعي ۾ ٻـوڏن وقت پناهـه حاصل ڪـري سـگهن. (8) ٻيـو وري هيـٺيون شـهر، جنهن ۾ رهڻ جون جايون، دڪان، بازاريون، ڪشادا رستا وغيره آهن. هيـٺيون شـهر بـه اعليٰ رٿـا سـان انجنيئري طريقي سـان ٺهيـل آهي. هن شـهر جـون وڏيــون گهــٽيون شــهر کي مختلــف وڏن بلاڪن ۾ ورهائن ٿيون. (9) شروعات ۾ دڙو هڪ ئي هئو، پــر پوءِ شايد سنڌو ندي جي ڪنهن اوائلي ليٽ هن جي اسٽوپا ايراضي واري حصي کي هيٺين ايراضي کـان جدا ڪري ڇڏيو. (10)

هاڻ اسان موهن جي دڙي ۾ مليـل عمـارتن، گهرن وغيره جو ذڪر ڪنداسين. جـيئن تـه شـهر ۾ مليل عمارتن ۾ اسٽوپا به هڪ خـاص ۾ ڌيـان طلب

عمارت يا هنـذ آهي. پـر جـيئن تـه هن عمـارت جـو سنڌو سپيتا جي هن پوئين دؤر سان ڪوبه واســطو نه آهي ۾ اسـتوپا پـوءِ جي ٻـذ واري دؤر جي اڏاوت آهي. ان ڪـري هت ان جو ذڪـر نه ٿو ڪجي. بــاقي ٻـئي جيڪي جڳهـون سـنڌو تهـذيب جي دؤر ســان واسطو رکندڙ آهن. انهن جــو مختصــر احــوال ڏجي ٿو. پوءِ اڇو ته پهريان متئين شـهر ۾ مليـل عمـارتن جو ذڪـر ڪيون.

وڏو حوض:

اسٽوپا جي اتر اوير واري ڪنڊ ۾ هڪ حــوض آهي. هيءُ حــوض ســنڌو ســپيتا جي وچ واري دؤر جي عمارت آهي. هي حوض مسـتطيل شـڪل جـو آهي ۾ 29 فـوٽ ڊيگهــه ۾ 23 فـوٽ ويڪــر اٿس. منجهس انـــدر لهڻ لاءِ ڏاڪـــا آهن. (11) هيءُ تلاءُ هڪ وڏي ڪليـــل عمـــارت انـــدر آهي. جنهن جـــو ديوارون 7 يا 8 فوٽ آهن. تلاءَ جـو تـرو مضـبوط ۾ لسـو آهي. تلاءُ اٺ فـوٽ اونهـو آهي. (12) هن تلاءَ جي پر ۾ هڪ کوهه مليـو آهي. جتـان تلاءَ کي پـاڻي پهچايو ويندو هونـدو. هن تلاءَ کي صـفائي ڪـرڻ لاءِ هيٺان هڪ ڪنڊ ۾ سوراخ بـه ٺيـل آهي. جنهن مـان نالي نڪتل آهي. جنهن رستي تلاءَ ۾ جمع ٿيل ڪنــو پاڻي نيڪال ڪيو ويندو هوندو. هيءَ نالي بــه نهـايت عمدي جڙيل آهي. ۾ ايـتري اونهي آهي جـو پلي تـه 6 فـوٽ ڊگهـو مـاڻهو ان ۾ بيٺـو هجي. سـڄي نـالي ڍڪيل آهي. وچ تي نالي ۾ هڪ ڪليل ٽڪــر (Main-hole) آهي. نالي ۾ گنـدو ڪچـرو گـڏ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ماڻهو ان سوراخ مان لنگهي وڃي، نـاليءَ جي صـفائي ڪنـدو هونـدو. پـاڻيءَ جي سـيمي کي روڪڻ لاءِ ڏامر هنيـل آهي. (13) تلاءَ جي اوسـاري سيمينٽ جهڙي مصالحي سـان ٺيـل آهي. سـم جي

روڪڻ لاءِ ڏامر ۾ ڪنڪريٽ استعمال ڪئي وئي آهي.

حوض جي چئني پاسن کان ورانڊو آهي. ورانڊي جي اتر، ڏکڻ ۽ اوڀر پاسي مختلف ڪمرا جڙيل آهن. حوض جي ٺاهڻ ۾ ڪافي محنت کان ڪم ورتو ويو آهي. سرون چلي، چڱي طرح مسالو لڳائي جوڙيون ويون آهن. حوض جي ڏاکڻي پاسي ساڍا 9 فوٽ ڊگها ۽ 11 فوٽ ويڪرا غسلخانا ٺهيل آهن. انهن غسلخانن ۾ پردي داريءَ جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هر غسلخاني ۾ مٿي وڃڻ لاءِ هڪ ڏاڪڻ آهي. ان مان اندازو لڳايو ويو آهي ته جايون ٻه ماڙ هيون. (14) هنن غسلخانن ۾ مٿي جاٽايل حوض جو پاڻي وري وڃي هڪ وڏي نالي ۾ پوي ٿو. نه صرف غسلخانا حوض جي پر ۾ مليا آهن، پر موهن جي دڙي جي هر گهر ۾ غسلخانا لڌا ويا آهن. جنهن مان خبر پوي ٿي ته موهن جي دڙي وارا صفائي، ستائي ۽ صحت جو خاص خيال رکندا هئا ۽ صبح جو روزانو تڙ ڦليل ڪرڻ سندن معمول هيو.

پئنچاتي هال - درسگاهه:

تلاءَ ۾ اسٽوپا جي وچ ۾ هڪ تمام وڏي عمارت آهي. جنهن جي ڊيگهه 235 فوٽ ۽ ويڪر 78 فوٽ آهي. انهيءَ جو وڏو در اولهه پاسي هو. هن ۾ تمام گهٽا ڪمرا ٺهيل آهن. خاص بينڪ جون ٿلهيون ۽ مضبوط پٽيون ڏيان چڪائينڊڙ آهن. ماهرن موجب تي هيءَ عمارت ٻه ماڙ يا ٽه ماڙ هوندي. (15) هي ٿنين جو هال ان دور جي ماڻهن جي خاص ڪمن لاءِ گڏجاڻيون يا پئنچاتون ڪرڻ لاءِ هوندو. ڇو جو هن هال ۾ وهڻ لاءِ ٻئنچن وانگر

مـٽيءَ جـا ڍاڪـا ٺهيـل آهن ۾ سـامهون پليٽ فـارم ٺهيل آهي. (16) وڏي در کـان لنگهڻ کـان پـوءِ هڪ هـال اچي ٿـو. جيڪــو 24 فــوٽ ڊگهــو ۽ 4 فــوٽ ويڪـرو آهي. انهيءَ جي ڪٻي پاسي هڪ ويڪـري در کان پوءِ هڪ اڱڻ آهي. جنهن ڪي چئني طرفن کان پٽيون آهن. انهن جي چئني پاسن کـان ڪمـرا آهن. جن ۾ وري پروهت يا استاد (پاڙهيندڙ) رهندا هوندا. هـال جي سـڄي پاسـي کـان 2 گهـٽيون آهن. هڪ گهٽي ننـڍي اڱڻ طـرف وڃي ٿي، جنهن جي چئـني پاسن کان وري ننڍا ٻـه مـاڙ ڪمـرا آهن. ان پاسـي ڪيـترا ٻيـا اڱڻ ۽ ڪمـرا آهن. (17) جيڪي شـايد شاگردن جي رهائش جي هاسـٽل هونـدي. پئنچـاتي هال جو هيءُ حصو درسگاهه پيو معلوم ٿئي.

هيٺيون شهر:

اسـٽوپا ايراضـيءَ کـان هڪ رسـتو ڏکڻ اوڀـر طـرف وڃي ٿـو. جيڪــو ٿـورو ئي پـري وڃي اوڀـر پاسي مڙي اوڀـر واري وڏي رسـتي سـان ملي ٿـو. اوڀـر واري سـڙڪ ڪوٺيـل علائقي کي ٻن حصـن ۾ ورهائي ٿي. سڙڪ جي ڏکڻ پاسي ايڇ آر ايراضي (18) آهي. اتر طرف وي ايس ايراضــي (19) آهي. اوڀر واري وڏي سڙڪ کي پهرين وڏي سڙڪ گـوني ڪند تي ڪاٽي ٿي ۽ وي ايس ۽ ايڇ آر ايراضين کي ٻن حصن ۾ ورهائينـدي، ڊي ڪي ايراضـي (20) تي پهچي ٿي. انهن علائقن ۾ هزارين گهر، تمام گهٽيون گهٽيون ۽ بيشمار کوهه آهن.

گهـر: مــوهن جي دڙي مــان جيڪي گهــرن جــون عمــارتون مليــون آهن، ســي ســپ ڪشــاديون ۽ هـــوادار آهن. ڪن گهـــرن جي اڱڻ ۾ ڍاڪڻ آهي. جنهن مان سمجهجي ٿو ته جڳهون ٻه ماڙ به هيون.

ڀتين تي پلستر ٿي انچ ٿلهو چڙهيل آهي. سرون گاري چيروليءَ سان ٿڦيل آهن. جڳهون گهٽو ڪري پڪين سرن جون ٺهيل آهن.

دڪان: موهن جي دڙي گهرن کان سواءِ دڪانن جون عمارتون به مليون آهن. هڪ دڪان اهڙو به مليو آهي، جيڪو شراب خاني جي طرز تي ٺهيل آهي. هڪ دڪان مان نيروتي جي ڪن لڌي وئي اتي رنگ جا داغ به اجا ظاهر آهن. جنهن ڪري اهو دڪان ڪنهن رنگساز جو معلوم پيو ٿئي.

کوهه: هتان کوهه به ڪافي لڌا ويا آهن. کوهن جي اڏاوت هڪ جهڙي آهي. کوهه پڪسرا گولائيءَ تي آهن. هڪ به کوهه بيضوي شڪل جا به آهن. کوهن پرسان ٻئنچون به ٺهيل آهن، شايد اهي پاٽي پريندڙن لاءِ وهڻ جون جايون هيون.

ناليون: شهر جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال جي ترتيب به اعلى قسم جي پئي لڳي. هر هڪ رستي، گهٽي لنگهه ڪي پنهنجي پنهنجي ڍڪيل نالي آهي.

هڪ ٻئي مٿان اڏيل شهر: موهن جو دڙو هڪ ٻئي مٿان ست شهر لڌا ويا آهن. آبڪلاٽيءَ سنڌونديءَ جي ٻوڏ چوماسي جبلن تان پاڻيءَ جي چڙن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ پيرو زبون ٿيو ٿي ته پاڻي جي لهڻ بعد ماٿهن ڪجهه عرصي بعد اتي نئون شهر ٻڌو ٿي. ائين شهرن مٿان شهر ٻڌائون، جن مان اجا ٽائين ستن شهرن جو پتو پيو آهي. انهن ستن تهن هينان پاٽي نڪتو آهي. (21) قديم آثارن جي ماهرن موجب پاڻي هينان پڻ اڏاوتن جا آثار ملن ٿا. جيڪڏهن موهن جي دڙي مٿي چڙهي آيل سم جي پاڻيءَ جي ڪنهن طريقي سان سطح گهٽ ڪجي ته ڪجهه وڌيڪ تهه

دريافت ٿي سگهن ٿا. مـوهن جي دڙي جي کوٽـائي کنـدڙ سـر جـان مارشـل کوٽـائي دوران لنـڊن جي هڪ اخبـار (22) لکيـو تـه، ”اسـان هيـل تـائين کوٽـائي هڪ ٻـئي هيٺـان نـون شـهرن جـا کنـڊر ساڳي مال مٽيءَ جي تهن هيٺـان لـڌا آهن. جنهن مـان بئبيلونيـا کـان بـه اڳ جي تهـذيب تي روشـني پونـــدي. اســـان اجـــا اونهي کوٽـــائي کنداســـين، سمجهون ٿا ته اجا 3،ـ 4 يـا 5 شـهر انهن تهن مـان هٿ کنداســين. جن جي عمــر 9 کــان 11 هــزار ورهيه پراڻي هوندي.“

سر جان مارشل دڙي جي کوٽائيءَ کـان پـوءِ اعتراف ڪيو ته، ”قديم مصر خواهه اولهه ايشــيا اهڙو ڪو به مثال ڪـونهي. جنهن سـان مـوهن جي دڙي جي رهواسين جي نهيل سهٽين سنان ڪـوٺين ڪشادن گهرن سان ان جي ڀيٽ ڪري سگهجي. انهن ديشــــن ديوتــــائن جي منــــدرن، محلاتن راجـائي سـماڌين تي بيشـمار نـاڻو لـٽيو وينـدو هـو. بـاقي عـام مـاڻهو بلڪـل ايئن سـادين مـٽيءَ جي جهوپڙين رهندا هئا. پر سنڌ تصـوير جـو بلڪـل ٻيــو روپ آهي. جــتي ســندر عمــارتون فقــط نگــر واسين جي سک لاءِ ئي جڙنديون هيون.“ (23)

موهن جو دڙو، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جو مرڪــز هيــو سـنڌو رياسـت جي گـاديءَ وارو شهر هيو. جتان هتان جا رهواسـي رياسـت جي ٻين صوبن يا رياستن جي نظرداري ڪندا هئا. هي شـهر 4300 ق - م کان لڳ ڀڳ 1500 ق - م تـائين آبـاد رهيو. آمريڪـا جـو آرڪيـالاجي مـاهر اومائـل، سـر مورٽيمر ويلر جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته موهن جي دڙي جي موجـودهه شـهر هيٺيـان ڇهه شـهر ٻيـا بـه موجود آهن ماهر رڳو مٿيئين حصي مان ڪيئن ٿـا

اها راءِ قائم ڪري سگهن ته هي تهذيب 5 هزار سال پراڻي هوندي. اومائل، اين مورا چوي ٿو ته موهن جي دڙي جي سپيتا دنيا جي هر تهذيبي مرڪز کان آڳاٽي سڀني تهذيبن جي ماءِ گهٽ گهٽ ڏهه هزار سال پراڻي آهي

حوالا سمجهاڻيون

1. Chatterji, S.K, “Modern Review” December 1924

2. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص-82

3. Fleet, I.F, “Seals from Harappa” J.R.A.S, 1912, P-699

4. Marshall, Sir John, “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1-3, London 1931

5. Mackay, E.J.H, “Further Excavation at Mohen jo Daro” 2 Volumes, Delhi, 1938.

6. شيدائي، رحيم داد خان مولائي، ”تمدن سنڌ“ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1959ع ص-12

7. لئمبرڪ، ايچ ٽي، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-118

8. Gauhar, Altaf, “Twenty years of Pakistan” 1947 to 1967, Karachi, 1969, P-623

9. Ibid, P-623

10. صديقي، محمد ادريس، ”سنڌو ماٿر جي سپيتا“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979، ص-38

11. صديقي، ص- 40

12. شيدائي، تمدن سنڌ، ص- 25

13. آڏواڻي، ص- 91

14. صديقي، ص- 41

15. صديقي، ص- 42

16. شيدائي، تمدن سنڌ، ص- 25

17. صديقي، ص- 42

18. ايچ آر ايراضيءَ جو نالو ان جي کوٽائي ڪندڙ ماهر هار گريوز جي نالي پويان رکيل آهي.

19. هي ايريا ان جي کوٽائي ڪندڙ ماهر ساڌو سروپ وتس جي نالي پويان سڏبي آهي.

20. ڊي ڪي ايريا ان جي کوٽائي ڪندڙ ماهر ڪي اين ڊڪشت جي نالي پويان آهي.

21. آڏواڻي، قديم سنڌ، ص-88

22. Modern Review, February, 1925

23. Marshall, Sir J. “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1, P-VI

آمري

قـــديم آثـــارن جي مـــاهر اين جي مجمـــدار 1927ع كـــان 1931ع تـــائين باقيـــاتي کوجنـــائون ڪري، ھين قديم سـنڌو سـڀيتا جي مـاڳن سـان گـڏ آمري جا قديم آثـار بـه ڳـولهي لـڌا. (1) آمـري جـو مـاڳ دادو ضـلعي جي مانجهنـد تعلقي لڪي جي جبلن کان 65 ميل ڏکڻ   سـن کـان 9 ميـل اتـر طرف، موجوده آمـري شـهر کـان 250 ميـٽرن جي مفاصـلي تي اتـر اولهـه طـرف سـنڌو درياهـه جي اولهـــه واري ڪنـــاري تي موجـــود آهي. هيءُ مـــاڳ موهن جي دڙي کان 85 ميل ڏکڻ   چانهون جي دڙي کان 25 ميل اولهه آهي.

اين جي مجمدار، هن قديم ماڳ جي مڪمـل کوٽائي ڪرائي نـه سـگهيو. جنهن ڪـري 1959ع فرانسيسي ماهر مونس جين مـيري ڪاسـل جي نگراني هيٺ پاڪستان جي آرڪيـالاجي واري کـاتي

طرفـان هت کوٺـائي کـرائي وئي، جيڪـا 1962ع تائين هلي.

آمريءَ جو قديم ماڳ 4 مختلـف دورن سـان واسطو رکندڙ آهي. ان جو صفا هيٺيون تهـه، سـنڌو سڀيتا جي ڳوٺاڻي ثقافت سان واسطو رکنــدڙ آهي، جڏهن ته ان کان پوءِ جو ٻيو تهه شـهري تمـدن جـو آهي، ٽيون تهه، جهڪر واري دور سان واسطو رکي ٿو، جڏهن ته چوٿون تهه جيڪــو شـروعاتي تهـه بـه سڏي سگهجي ٿو، اهو مسلمانن جي دور جــو آهي. هتي اسان صـرف هيـٺين ٻن تهن، جن جـو واسـطو ڳوٺاڻي ثقافت ۾ شهري تمدن سان واسـطو رکنـدڙ آهي، ان کي بحث جو موضوع بنائينداسين.

آمـريءَ ۾ زميـني سـطح تي جيڪــو پهريـون ڳوٺ ٻڌل آهي. اهو وچين پٿر دور جــو آهي. جـڏهن اڃان انسان سرن سان گهرن ٺـاهڻ جي شـروعات نه ڪئي هئي ۾ هو پنهنجا گهـر ڪـاٺين ۾ تيلن مـان ٺاهيندا هئا. اتـان چڪ بـدران هٿ جا نــاهيل ٿـانون مليا آهن. چاڪاڻ ته ان وقت چڪ جي ايجاد نــه ٿي هئي. جنهن کـري استعمال جـون شـيون ۾ ٿـانون هٿ تي ٺاهيــا وينــدا هئــا. (2) کوٺــائي کنـــدڙ فرانسيسي ماهرن جـو چـوڻ آهي تـه ان تهـه مـان تعميراتي آثار ڪو نه مليا آهن. صـرف مـٽيءَ جــون ڪنيون، دکيون ۾ ٻيا هٿ جا ٺهيل ٿـانون وڏي تعـداد ۾ مليا آهن. (3) هتان پٿر جا ڇهنبدار ڪات، پـٿر جـا گولا، پڪل مٽيءَ جا داڻا، سپن جون ٺهيـل چوڙيـون پڻ مليون آهن. جيڪي وچين پـٿر دور جـون شـيون آهن.

زميني شـروعاتي تهـه کـان پـوءِ ٻيـو تهـه پڻ ڳوٺاڻي ثقـافت سـان واسـطو رکنـدڙ آهي. هن تهـه تان عمارتن ۾ کم آندل ڪچيون سرون مليون آهن

□ پيا ڪيترائي رهائشي ڪمرا □ گهر مليا آهن. هڪ ڪمرو ته اهڙو به مليو آهي، جنهن جي اوساري □ پٿرائون گارو استعمال ٿيل آهي. ڪيترن جڳهن تي پوريل دڪيون به مليون آهن. ان زماني جي ٿانون تي خاص قسم جا چٽ چٽيل آهن. ٿانون جي تري تي ٿلهن ڪارن پٽين تي لاڳيتا ٺڪندا مليا آهن. ٺڪندن جي پاسن □ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. (4) اهي ٿانون تي چٽيل ٺڪندا چوئنرن جي شڪل پيا لڳن. جڻ انهن ٿانون تي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ جو نظارو ڏنل آهي. هن تهه مان لڌل ٿانون جي نوعيت مختلف قسم جي آهي. هي نه هڙاپا سان ملندڙ آهي □ نه وري موهن جي دڙي مان لڀندڙ ٿانون سان. جنهن ڪري قديم آثارن جي ماهرن هن ثقافت کي ”آمري ثقافت“ جو نالو ڏنو آهي.

آمري جا ڪنڀر ڏاڍا هوشيار پيا معلوم ٿين. اڄ به اٽڪل ساڳيو هنر □ نمونو سنڌ اندر ڏسندي اچرج پيو لڳي، ان وقت جي ماڻهن تي. ان وقت جا ڪنڀر ٿانون تي ڪمال جي نفيس □ نرم ليئي ڪم آڻيندا هئا. هو ٿانون کي زيبائتو بنائڻ لاءِ ڦڪي يا هلڪي ڳاڙهي رنگ تي سنهي پٽي گهٽو ڪري ٿانون جي منهن يا ڪلهن وٽ ڪنيءَ طور هڻندا هئا □ بعد □ ان مٿان ڪاري يا خاڪي رنگ جي چٽسالي ڪندا هئا. (5) ٿانون تي چٽ گهٽو ڪري جاميٽريءَ جي شڪلين جهڙا ڪندائتا هوندا هئا. مستطيل خانن جي اندر چورس خانا آمري جي ٿانون تي اڪثر چٽيل ملن ٿا. سندن ٿانون تي پيون به شڪليون ملن ٿيون.جيئن گولائي واريون شڪليون، جهڙوڪ گول □ اڌ گول. جڏهن ته ڪجهه ٿانون تي وٽن □ انهن جي پنن جون شڪليون نڪتل آهن.

آمـــريءَ وارن مـــاڻهن هن ئي دور ۾ پنهنجي ٿانون تي ساهوارن شين جا بوٽا يا شـڪليون ڪـڍڻ شـروع ڪيـون. انهن شـڪلين ۾ ٻڪرين ۽ ٻڪريءَ جي شڪل گهڻي ملي آهي. اها شـڪل هـرڻن ۽ ڦـاڙهن جي شڪل کان وڌيڪ بهتر قسـم جي نهيـل معلـوم ٿئي ٿي. اهو ان ڪـري جو ٻڪرو يا ٻڪريون زرخيزي جي علامت سمجهي ويندي هئي ۽ ان جي عـزت ڪـئي وينـدي هـئي. (6) ٻيــو آمــري جي ٿــانون تي مڇي جهلڻ جي رڇن ۽ جارين جا خاڪـا پڻ نظـر اچن ٿـا ۽ رلي جي ڇٽن جــو بهــترين نمونــو بــه هن دؤر ۾ ملي ٿو.

آمري جـو مـٿيون تهـه، جيڪـو شـهري تمـدن سان واسطو رکندڙ آهي. اتان گهـرن جي جـوڙجڪ ۽ اوساري جا 4 نمونا ملن ٿا. هڪ نمـوني جـا گهـر مختلف ماپن جا مستطيل شڪل آهن. هر گهــر کي دروازو ملي ٿو. پٽ يا پڊر کي مـٽيءَ جـو ليپـو ڏنـل آهي. پڊر گهـٽين کـان ٿـورو مٿـيرو سـطح تي آهن. گهر مختلف ننڍين ڪــوٺين ۾ ورهايــل آهن. هن دؤر ۾ چڪ جو استعمال گهڻو نظر اچي ٿو. ڪـل ٿـانون مـان اٽڪـل 55 سـيڪڙو چڪ تي چڙهيـل آهن. هن دؤر جي تهن مــان ڌات پڻ لــڌي آهي. آمــريءَ جــا وارث پــٿر جي اوزارن سـان گـڏ ٽـامي کي پگهـاري مختلف شڪلين وارا ٿانون ۾ اوزار پڻ ناهينــدا هئـا. جيڪي مــوهن جي دڙو ۾ هڙاپـا مـان مليـل ٿـانون سان مشابهت رکندڙ آهن. هڪ پڪسـري جـاءِ مـان اهڙيون سرون لڌيون ويـون آهن، جيڪي هڙاپـا دؤر جي اڏاوتن ۾ ڪم آندل سرن جهڙيون آهن.

آمريءَ جي ڇٽي تهبندي مان اهو نتيجو ظاهر آهي ته شهري تمدن وارن هي ماڳ ڳوناٺي ثقـافت جي وارثن طرفان ڇڏي وڃڻ کان گهڻو پوءِ والاريو.

ان ڪري ڳوٺاڻي ثقافت جي خاتمي کان گهٽو پوءِ وري شهري تمدن وارن اهي دڙا وسائي، اتي پنهنجا شهر ڀڏا. (7)

حوالا سمجهاڻيون

(1) Majumdar, N. G, “Exploration in Sind” M.A.S.I No: 48, Delhi, 1934.

(2) Wheeler, S.M, “Civilization of Indus Valley and Beyond” P-90

(3) Casal, J.M. “Fresh digging at Amri” Archaeological Dep’t: of Pakistan, 1964, Vol: 1

(4) Channa, Mahboob Ali, “Pre-Harappan Civilization in Indus Valley” Sind Quarterly, 1978-1, P-24-25

(5) لئمبرڪ، ايچ ٽي، ”سنڌ- هڪ عام جائزو“ ص-103-102

(6) ميمڻ، سراج الحق، ”آمري“ قسط-1-2، ماهوار نئين زندگي، مارچ اپريل 1966ع

(7) Casal, J.M “Fresh digging at Amri”

ڪوٽڏجي

ڪوٽڏجيءَ جا قديم آثار خيرپور شهر کان 15 ميل ڏکڻ طرف موجوده ڪوٽڏجي واري قلعي جي سامهون نئشنل هاءِ وي جي اولهه طرف آهن. هيءُ ماڳ 600 فوٽ ڊگهو، 400 فوٽ ويڪرو □ زمين جي سطح کان 40 فوٽ اوچو آهي.

هيءُ ماڳ، جيڪو ڳوٺاڻي ثقافت سميت شهري تمدن سان به واسطو رکندڙ آهي. تنهن کي 1935ع ڌاري هڪ ماهر ڊاڪٽر گهريا ڳولي لڌو. بعد □ هن ماڳ جي کوٽائي ڊاڪٽر ايف اي خان 1955ع کان 1975ع تائين ڪرائي. (1)

ڪوٽڏجي مان قديم آثارن جي ماهرن کي هڪ اهڙي ثقافت جا اهڃاڻ مليا آهن، جيڪا سنڌو ماٿري جي شهري تمدن کان 7 سو سال آڳاٽي آهي. ان کي ماهرن ”ڪوٽڏجي واري ثقافت“ جو نالو ڏنو آهي. ماڳ جي کوٽائي ڪندڙ ماهر ڊاڪٽر ايف اي خان ڪوٽڏجي بابت ٻڌايو آهي ته ڏکڻ ايشيا □ اها پهرين زرعي وسندي هئي □ سنڌو ماٿر جي سڀيتا جو بنيادي پٿر رکڻ وارا اهي ڪوٽڏجي جا ماڻهو هئا. هن وڌيڪ انڪشاف ڪيو آهي ته ڪوٽڏجي جي زرعي وسندي، موهن جي دڙي کان 7 سو سال قديم آهي □ اها تاريخ ريڊيو ڪاربان وسيلي حاصل ٿي آهي. (2) جنهن ڪري اسين

چئي سگهون ٿا ته ننڍو ڪنڊ تہ ڇا پر سڄي ڏکڻ ايشيا ۽ هڪ ”زرعي سماج“ (Agrarian Society) جو پايو وجهندڙ سنڌي ماڻهو هئا.

هيءُ قديم ماڳ 2 حصن تي مشتمل آهي. هڪ ڪوٽ ڏنل شهر، جيڪو شايد حڪمران طبقي جي رهائش گاهه هيو ۽ ٻيو ٻاهريون شهر، جنهن ۾ شايد ڪمي ڪاسبي رهندا هئا. ماهرن موجب ڪوٽڏجي برصغير ۾ سڀ کان پهرين پناهه واري بستي هئي. جنهن جي چوڌاري ڪوٽ اڏيل هو. هن قديم ماڳ جي سڀ کان متاثر ڪندڙ شيءَ اهو ڪوٽ آهي، جيڪو هڙاپا جي زماني کان اڳ جو آهي. جنهن جي اوچائي ۽ ٿولهه ڪافي آهي. هي ڪوٽ هڪ ٽڪر تي تعمير ٿيل آهي ۽ ٿوري ٿوري فاصلي تي مورچا ٺهيل آهن. (3) ڪوٽ وارو حصو، جيڪو 5 سو فوٽ ڊگهو ۽ ساڍا ٽي سو فوٽ ويڪرو ۽ 40 فوٽ بلند آهي، اتان ڪشادا ڪمرا مليا آهن. جن جا بنياد پٿر جا ۽ باقي اڏاوت مٽيءَ جي سرن جي آهي. ڪيترن ديوارن جي ٿولهه 5 فوٽن کان بہ وڌيڪ آهي. (4) ڇتيون ڳاري سان لنبيل آهن.

ڪوٽڏجي بابت ڊاڪٽر ايف اي خان ٻڌائي ٿو ته هن ماڳ جي رهاڪن کان هڙاپا ۽ موهن جي دڙي وارن ڪي فني ۽ ٻيون ڳالهيون سکيون. جن ۾ شهري رٿابندي ۽ قلعي بندي شامل آهن.

هن قديم ماڳ جي شروعاتي تهه تي آباد ٿيل ماڻهو ٺڪر جي ٿانون ٺاهڻ جي هنر ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪا هئا. هتان سنڌن ڪوزي گريءَ جا تمام بهترين نمونا دريافت ٿيا آهن. هو مٽيءَ جي ٿانون تي عام پينٽنگ ڪندا هئا. شروعاتي دور جي ٿانون تي مور جون تصويرون ۽ مڇيءَ جا نمونا ملن ٿا.(

5) هتان ليندڙ ٿانون چڪ تي ٺهيل ۽ باهه ۾ پڪل آهن. جن تي گهري ڳاڙهي چمڪدار روشن فتيل چٽيل آهي. ان کان سواءِ انهن ٿانون تي مخصوص هڙاپا طرز جا نمونا ڪاري رنگ ۾ چٽيل آهن. نمونن ۾ پپر جو پن، مڇيءَ جا ڇلر ۽ سج وغيره عام جام نظر اچي ٿو. ڪوٽڏجي جي اوائلي دور وارا ٿانون ايترا ترقي ڪيل نه هئا. پر بعد ۾ آهستي آهستي انهن اوسر جا مختلف مرحلا طئه ڪيا. (6) ابتدائي ٿانون ڳچين کان سواءَ هئا.

ماڳ جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ تهه منجهان مهرون ۽ ٺڪر جون ٺهيل جانورن ۽ انسانن جون مورتون به مليون آهن. مورتن ۾ ٺڪر جون ٿي زنانيون ۽ 12 سنگي ڍڳي جون مورتون شامل آهن. هتان مليل ڌات جي اوزارن ۾ ڪهاڙي، نيزا، چيٽيون ۽ چوڙيون لڌيون ويون آهن. ان کان سواءِ مارنگ (چلها) پڻ لڌا ويا آهن. جن تي اتان جا رهواسي رڌ پچاءُ ڪندا هئا.

ڪوٽڏجي مان مليل باقيات ۾ مٽيءَ جا ٿانون، ٻارن جا رانديڪا، گاڏيون، ڪينهون، سنگمرمر جا ٽڪرا، چوڙيون، مٽيءَ جي ٺهيل ديوين ۽ جانورن جون مورتون، تير ۽ پٿر جا اوزار وڏي تعداد ۾ مليا آهن. (7) عورتن جي پائڻ جون چوڙيون، مٽيءَ ۽ سپ جون جڙيل آهن. جڏهن ته ٻارن جي ڪيڏڻ لاءِ بال ۽ گاڏيون پڪل مٽيءَ جون ٺهيل آهن.

هي ثقافت سنڌ کان سواءِ رڻ ڪڇ جي ڏاکڻين حصي، پنجاب، بلوچستان جي اترين حصي، راجستان جي اترين حصي تائين ڦهليل هئي. (8) ڪوٽڏجي مان مليل باقيات. ان کان اڳ سري ڪولا ۾ پيراٽو گهنڊائي مان ملي چڪي آهي.

حوالا □ سمجهاڻيون

1. Khan, Dr. F.A, “Kotdigi-Preliminary Report on Kotdigi Excavations” 1956-58, Karachi.

2. هن اهڙو انڪشاف خيرپور □ ٿيل سچل نيشنل سيمينار 1983ع □ ڪيو.

3. سومرو، مولا بخش اي.،”ڪوٽڏجي-آثار قديمه جو هڪ نشان“ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1962 پرچو نمبر 4

4. Gauhar, Altaf “Twenty years of Pakistan 1947 to 1964” Pakistan Publication, Karachi 1969, P-624-625

5. Khan, F.A, “Kotdigi-Preliminary Report…”

6. Wheeler, S.M, “Early India & Pakistan” P-1100-1107

7. Mughal, M.R, “Archaeology of Sindh” 1975, P-6

8. خان، ڊاڪٽر ايف اي ”ڪوٽڏجي ڪلچر“ ماهوار هلال پاڪستان ميگزين، روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، 1983ع

لاڪين جو دڙو

ڳوناٽي شهري ثقافت سان واسطو رکندڙ 9 هزار سال آڳاٽو شهر لاڪين جو دڙو سکر شهر جي سائيٽ واري علائقي مان تازو دريافت ٿيو آهي. (1) شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جي قديم آثارن جي ماهر غلام مصطفى شر جي نگرانيءَ تازو هن شهر جي کوٽائي ڪئي وئي. هيءُ شهر 12 چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هن قديم ماڳ کي شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي 1988ع ڳولي لڌو ابتدائي طور تي کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو. جنهن بعد 1994ع، 1998ع، 2000ع 2006ع کوٽايون ڪيون ويون. تازو جنوري 2009ع ٿيل کوٽائي مان وڏيڪ ثابتيون مليون آهن. ماهرن موجب هيءُ قديم ماڳ بلوچستان مان مليل ڳوناٽي ثقافت جي قديم ماڳ مهرڳڙهه جي زماني جو آهي. دنيا اندر ملندڙ سڀ کان قديم 3 شهرن هيءُ شهر به شامل آهي. جڏهن ته هن کان اڳ هن دوري جو هڪ شهر بلوچستان مهرڳڙهه فلسطين جريڪو شهر آهي. اهي ٻئي شهر به لاڪين جي دڙي جا هم عصر آهن. هيءُ ماڳ 9 هزار سال آڳاٽو يعني 7هزار سال ق م جي دور جو آهي. پکيڙ جي لحاظ کان هيءُ دنيا جو وڏي وڏو قديم شهر آهي. هن وقت تائين دنيا اندر 12 چورس ڪلوميٽرن تي پٽل هن عمر جو ڪوبه قديم ماڳ هٿ نه آيو آهي. هيءَ قديم ماڳ 9 تهن تي پٽل

آهي. هڪ ٻئي هيٺان 9 شهر دفن ٿيل آهن. هيءَ آبادي اتان جي رهواسين تباهه ٿيڻ بعد 9 ڀيرا وري ٻيهر اڏي اتي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي. هن ماڳ جي هر تهه جي اوچائي ڏيڍ ڪان ٻه ميٽر آهي. ماهرن موجب هيٺين تهه جي آبادي پٿر دور سان واسطو رکندڙ آهي. جڏهن ته وچيون تهه ڳوٺاٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ يعني 9 هزار سال آڳاٽو آهي. مٿين تهه جا آثار مشهور شهري تمدن موهن جي دڙي جي دور جا آهن. لاڪين جي دڙي جي قديم آثارن مان مور جي شڪلين وارا پينٽ ٿيل مٽڪا، ٻزائن ٿيل مٽيءَ جون سرون، مٽيءَ جون ٺهيل چوڙيون، ننڍا گول مٽڪا، رانديڪا ۽ ٻيون شيون مليون آهن. کوٽائي دوران ڪجهه هڏا به مليا آهن. جڏهن ته هتان جي اهم دريافت شيشي ٺاهڻ جي فيڪٽري آهي. هتان لکتن جا به نمونا مليا آهن. اهي لکتون تصويري رسم الخط ۾ آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. Daily Dawn, Karachi, 13 January 2009.
2. روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 14 جنوري 2009ع

چانھون جو دڙو

چانھون جو دڙو نواب شاھه ضلعي جي شـھر سڪرنڊ جي ڳوٺ جمال ڪيرئي پرسـان آھي. ھيءُ شھر 1931ع ڌاري قديم آثـارن جي مـاھرن ڳـولي لڌو. جنھن جي کوٽائي 1935-36ع ھڪ آمريڪي مـاھر ارنيســٽ مئڪي، ميــوزم آف فــائين آرٽس آمريڪـا طرفـان ڪـرائي. جنھن بعـد ھن دڙي جي وڌيڪ ٻيـو دفعـو کوٽـائي ڊاڪـٽر اين جي مجمعـدار ڪــرائي. (1) فرانسيســي مــاھرن تــازو 2015 2016ع چـــانھون جي دڙي جي وڌيڪ کوٽـــائي ڪئي.

چانھون جو دڙو جا قديم آثار ٽن مختلف دڙن جي شڪل ورھايل آھن. جيڪي 50 فوٽ اوچـا 29 ايڪـــڙن جي ايراضـــيءَ تي ڦھليـــل آھن. (2) ماھرن ھنن دڙن جون ٻن مختلف ھنڌن تي کوٽايون ڪرايون. ھڪ ھنڌ 17 فـوٽ ٻـئي ھنـڌ 26 فـوٽ اونھي کوٽائي ڪرائي وئي. جنھن بعـد پـاڻي نڪـرڻ لڳو. جنھن ڪري وڌيڪ کوٽائي جو ڪم روڪيو ويو. جڏھن ته پاڻيءَ واري سطح کان ھيٺ به آباديءَ جـا آثار ملن ٿا. جيڪي پاڻي جي سطح اڀري اچڻ ڪري في الحــال راز رھجي ويــا. (3) کوٽــائي ڪنــدڙ ماھرن کي ھتي ھڪ ٻئي ھيٺان ڇئن آبادين جـا آثـار مليـا آھن. جن مـان ھيـنين ٽن آبـادين جـو واسـطو سنڌو سڀيتا جي شھري تمدن سـان آھي. جيڪـا اڄ کان 5 ھزار سال اڳ پنھنجي عروج تي ھـئي. جنھن جا ھن کان اڳ نشان موھن جي دڙي ھڙاپـا مـان ملي چڪا آھن. جڏھن ته مٿين آبادي گھٽي پـوءِ جي

آهي. جيئن ته چانهون جو دڙو سنڌو سڀيتا جي ٻين شـهرن وانگـر ان وقت سـنڌو درياهـه جي اڀرنـدي شاخ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي هـو. ان کـري مختلف وقتن تي ٻـوڏون اچڻ کـري تباهـه ۽ بربـاد ٿيندو رهيو. (4) پر پوءِ به ان جا رهواسي هن شـهر کي وري وري اڏيندا ۽ آباد ڪندا رهيا. اهـو سلسـلو 3000 ق - م کان 1500 ق - م تائين جـاري رهيـو. بعد ۾ جڏهن تمام وڏين ٻوڏن هن شهر کي مڪمـل تباهـه کـري ڇـڏيو تـه کي صـديون تـه هي عظيم شهر ماڻهن جي نظرن مان لهي ويو. بعـد ۾ 1350 ق - م ڌاري جهڪـر ڪلچـر سـان واسـطو رکنـدڙن وري ٻيهر هن شهر کي آبـاد ڪيـو. (5) جن دريـاهي سـطح کـان مٿـيري جڳهـه ڏسـي اتي پنهنجـا ديـرا ڄمايـا. اين جي مجمـدار مٿـئين تهـه مـان جهڪـر ڪلچر جي ماڻهن جا هٿ جـا ٺهيـل باسڻ هٿ ڪيـا آهن. جن جهڙا هن کان اڳ جهڪر جي قـديم آثـارن جي کوٽـاين مـان هٿ آيـا آهن. جهڪـر ڪلچـر جي مـاڻهن جـون رهائشـي جـايون، سـنڌو سـڀيتا جي شـهري تمـدن سـان واسـطو رکنـدڙ دور کـان الـڳ نوعيت جون آهن. سـندن رهائشـي گهـر مسـتطيل قسم جا آهن، جن جا فرش ڪچا ۽ پتيون پڙ آڏيون ابتيون آهن. (6) ان کـري مٿئين تهـه جـو هيـئين ٽن تهن سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه آهي.

چانهون جـو دڙو جي هيءَ انسـاني آبـادي ان وقت هــتي اچي رهــائش پــذير ٿي، جنهن وقت اڄ کان 5 هزار سال اڳ سنڌو سڀيتا پنهنجي عروج تي هئي. جنهن جو اهم شـهري مرڪـز مـوهن جـو دڙو هيـو. چـانهون جـو شـهر ان دور ۾ سـنڌو مـاٿر جي وسيع رياست جو هڪ اهم واپـاري ۽ زرعي مرڪـز هيو. هتان جي باشندن جا لڳ لاڳاپـا سـنڌو رياسـت

جي مــڙني اهم مرڪــزن جهــڙوڪ: لوٿــل، ڪــالي بنگن، هڙاپا ۽ ستڪاجن در وغيره سان هيا.

چــانهون جــو دڙو جي شــهري رٿابنــدي جــو ساڳيو نمونو هن ڪان اڳ اسان ڪي مــوهن جــو دڙو ۽ هڙاپا مان ملي چڪو آهي. انهن ٽنهي شهرن جي رٿابندي ملندڙ جلندڙ آهي. گهٽين جا نمونا، نالين جو سسٽم، ڪوهن جو نمونو ۽ گهرن ٺــاهڻ جــو طريقــو بلڪل ساڳيو ئي معلوم ٿئي ٿو. جهــڙو هن ڪــان اڳ موهن جو دڙو ۽ هڙاپا مان مليــو آهي. چــانهون جي دڙي جون عمارتون 25 فوٽ ويڪري شــاهراهه تي آهن. ان مرڪــزي شــاهراهه ۽ شــهر جــون پيــون گهٽيون 30 ڊگريءَ جي سڌائي تي اڇي پون ٿيــون. گهٽين جي پاسن ۽ پڪســريون نــاليون آهن، جيڪي نهــايت صــاف ســٿريون ۽ سـڌيون ٺهيــل آهن. (7) شــهر جي هيــٺين تهن مــان مليــل اڏاوتــون ڪچين سرن جــون آهن. جــڏهن تــه مــٿين تهن جي اڏاوتي ڪم ۾ پڪل ســرن جــو اســتعمال ٿيــل ڏســجي ٿــو. هتان جيڪي کوهه مليا آهن، اهي 5X6 ڊايا ميٽر جا ٺهيل آهن ۽ اڏاوت ۾ چيٽي نما سرن جــو اســتعمال ٿيل آهي. (8)

چــانهون جــو دڙو اڄ کــان 5 هــزار ســال اڳ سنڌو ماٿر جو اهم واپــاري ۽ صــنعتي مرڪــز هيــو. هتي جا زيور ملڪان ملڪ مشهور هيــا. جنهن بــابت هڪ ماهر ڪي ايم سين پنهنجي ڪتاب ”هندو ازم“ ۾ لکي ٿو تــه، ”اڄ کــان 5 هــزار ســال اڳ ســنڌ جــا ماڻهو پنهنجا زيور سون، چاندي ۽ ٽامي مان ٺاهينــدا هئا ۽ زيــورن ٺــاهڻ جــو ســنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪــز چــانهون جــو دڙو هيــو. جــتي ڪيــترائي آرٽســٽ ۽ سونارا رهندا هئا. ان وقت چانهون جو دڙو ”زيــورن جو شهر“ سڏيو ويندو هيو.“ ڇــو جــو هتــان ڪوٽــائي

ڪندڙ ماهرن کي سون، ٽامي، چانديءَ ۽ سپيءَ جون ٺهيل چوڙيون، هار، ٽائٽ، ٻهه رڪيون، بازوبند، ڏند ڪوٽيون، ڪن ڪوٽيون، وارن جون ٽاچٽيون، سرمي وجهڻ جون سرايون ۽ ٻيون هار سينگار جون شيون هٿ آيون آهن.(9) ڪوٽائي ڪندڙ ماهرن کي چقمقي پٿر مان ٺهيل اوزار پڻ مليا آهن. جن ۾ ڪهاڙيون، رنبا، چيٽيون ۽ پالا وغيره شامل آهن. (10)

قديم آثارن جي ماهرن کي چانهون جي دڙي مان مٽڪن ٺاهڻ جي صنعت جو به پتو لڳو آهي. هن ڪان اڳ اهڙي صنعت جا آثار صرف سنڌو سپيتا جي شهر لوٿل مان مليا آهن. ماهرن چانهون مان مٽڪن ٺاهڻ جو هڪ ڪارخانو ڳولي لڌو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته هيءُ شهر مٽڪن ٺاهڻ جي صنعت جو سٺو مرڪز هيو. (11)

دڙي جي کوٽائي مان ڪٽ، ٽامي، سپي ۽ عاج مان ٺهيل سامان جون شيون به گهٽي تعداد ۾ مليون آهن. هتان ٽامي جا اوزار، غير مڪمل ڌاتو جا پگهاريل ٽڪرا پڻ لڌا ويا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو ڌات جي استعمال کان پلي پت واقف هيا. (12) چانهون جي دڙي ۾ مٽيءَ جو ڪم به نهايت خوبصورت ٿيندو هئو. هتان جا ڪنڀار چڪ تي عاليشان قسم جي ٺڪر جا ٿانون ٺاهيندا هئا. جن تي مختلف قسمن جون رنگين چٽساليون ڪندا هئا. ماهرن کوٽائي ڪندي مٽيءَ جا اهڙا ٿائٽ هٿ ڪيا آهن، جن تي هرڻ جون تصويرون ۽ ڪنول جا گل اُڪريل آهن. مٽيءَ جي ٺهيل ٿانون ۾ خاص ڪري گلدان ڏيان چڪائيندڙ آهن. جيڪي گهٽي تعداد ۾ مليا آهن، جن مٿان بهترين قسم جي چٽسالي ٿيل آهي. (13) ان کان

سواءِ نڪر جا ٿهيل ڪنگڻ، پڪل مٽيءَ جا ٺهيل مجسما، ٻارن جا رانديڪا، جن ۾ ٻيل گاڏيون، هڪ سڱا ڍڳا، ڌرتي ماتا جا بت ۾ مختلف قسم جا پڪي شامل آهن، سي ججهي تعداد ۾ مليا آهن.

چانهون مان ماهرن کي مختلف قسم جون مهرون مليون آهن. جن تي تصويري رسم الخط ۾ ڪجهه لکيل آهي. هڪ مهر تي ٻه ماڻهو ڏيکاريل آهن، جن جي هٿن ۾ ڍالون ۾ تير ڪمان آهن ۾ پرسان جابلو ٻڪر بيٺل نظر اچي ٿو. ماهرن هتان مليل ان مهر کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي، جنهن تي پپر جي وڻ جي تصوير اُڪريل آهي. هھڙي قسم جي مهر اڳ سنڌو ماٿر جي ٻئي ڪنهن به شهر جي کوٽائي مان نه ملي آهي، جنهن ڪري اها عجيب دريافت آهي. (14)

هتي جي ماڻهن جو خاص ڌنڌو واپار ۾ ان سان گڏ پوکي راهي پڻ هيو. پاڻيءَ جي سهنج ڪري هڪ ته پوکي راهي جام ٿئي پئي، ٻيو ته درياهه جي ويجهو هجڻ ڪري واپار کي سٺو اوج مليو ۾ هن شهر جو مال ٻيڙين رستي ٻين شهرن تائين پهچڻ لڳو. نه صرف واپاري طور هيءُ شهر سنڌو ماٿر جي ٻين شهرن سان ڳنڍيل هو، پر هتان ٻين ملڪن سان واپار پڻ هلندڙ هيو. هتان جا واپاري مال ڪٽي ايران ۾ ترڪستان طرف ويندا هئا ۾ اتان پنهنجي ضرورت جون شيون ڪٽي واپس موٽندا هئا. ماهرن چانهون جي شهر مان کوٽائي ڪندي، ايران جي وحشي لوڪن جون ٺهيل مخصوص قسم جون پٽل جون سيخون لڌيون آهن. جيڪي ايران جي قديم دور جي شهر حصار ۾ سيالڪ مان مليون آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هتان جا واپاري انهن شهرن ڏانهن پنهنجو مال ڪٽي

ويندا هئا ۽ بعد ۾ اتان جي لوڪن جو مال آڻي هتي نيڪال ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ترڪستان جي قديم شهر انائو سان پڻ چانهون جي شهرين جو واپار هلندڙ هو. انائو شهر جي ڪوٽائي مان ماهرن مٽيءَ جي ٺهيل اهڙي گاڏي جو نمونو ڳولي لڌو آهي، جيڪا ان ڪان اڳ صرف چانهون جي دڙي مان ملي آهي. ان ڪان سواءِ ٻيون به اهڙيون ثابتيون مليون آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جي ماڻهن جو ميسوپوٽيما (عراق)، ترڪستان ۽ ايران سان واپار هلندڙ هو. (15)

هن عظيم شهر جي تباهي تقريبن 1500 ق-م ڌاري ٿي. جڏهن سنڌو درياهه ۾ وڏيون ٻوڏون آيون. مسلسل ٻوڏن ڪري ماڻهو هن شهر کي ڇڏي وڃي ٻئي هنڌ پنهنجا جهوپا جوڙيا. اهڙيءَ طرح هيءُ عظيم شهر زماني جي گردش سبب مٽيءَ جي دڙن هيٺان دٻجي تاريخ جو هڪ حصو بڻجي ويو.

تازو فرانسيسي ماهرن 2015 ۽ 2016ع ۾ چانهون جي دڙي جي وڏيڪ ڪوٽائي ڪئي. ماهرن جي ٽيم جي سربراهه اوروري ڊائيڊر (Aurore Didier) ۽ قديم آثارن جي ماهر ڊال اورسو (Dall’Orso) تازي تحقيق بعد ٻڌايو آهي ته هي شهر ڪرافٽس جو مرڪز هو. هتان هٿ جي هنر جا شاندار نمونا مليا آهن. ٿانون تي رنگين چٽسالي ٿيل آهي. (16) هن شهر جي پهريون ڀيرو ڪوٽائي انڊين آرڪيالاجي جي ماهر اين جي مجمعدار 1930ع ڌاري ڪئي هئي. چانهون جي دڙي مان مليل قديم برتن ۽ ٻيا نوادرات ممبئي ۽ آمريڪا جي ميوزمن ۾ رکيل آهن. هن شهر جي هاڻي 80 سال گذرڻ بعد ٻيهر ڪوٽائي ڪئي وئي آهي. ڪوٽائي

دوران تاريخي مٽڪا، ٿانوَ، رانديڪا □ ٻيون شيون هٿ ڪيون ويون آهن. فرانسيسي ماهر ڊاڪٽر ميڊم اروڙا. ڊاڪٽر پاسڪل ، ڊاڪٽر ڊيوڊ ، مسٽر زيون جي اڳواٽي □ ٿيندڙ کوٽائي مان نه رڳو آڳاٽي تهذيب جا گهر ، گهٽيون □ ناليون ظاهر ٿيو آهن. پر ڪڇن □ پڪين سرن جي اوساري واريون پٽيون ظاهر ٿيون آهن. چانهون جو دڙو موهن جي دڙي جو هم اثر آهي.

حوالا □ سمجهاڻيون

1. Sorly, H.T, “Sind Gazetteer” P-112

2. Pithawala, “Historical Geography of Sind” P-34

3. Pithawala, P-34

4. لئمبرڪ، ايچ. ٽي، ”سنڌ مسلم فتح کان اڳ“ ص- 84

5. لئبرڪ، ساڳيو، ص- 88

6. صديقي، ”سنڌو ماٿر جي سپيتا“ ص- 53

7. صديقي، ص-52-53

8. Sorly, P-317

9. الانــا، غلام علي، ”اٿــا مينهن ملــير“، ص-92-101
10. Sorly, P-318
11. لئمبرڪ، ص-57
12. صديقي، ص-52-53
13. Sorly, P-317
14. Sorly, P-318
15. لئمبرڪ، ص-38-39
16. Daily Dawn, January 23rd, 2016

ڳاڙهو پڙو

ڳاڙهو پڙو، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جـو هڪ اهم هنڌ آهي. اڄ کان ڪي 5 هزار ســال اڳ هيءُ هڪ مشهور واپاري شهر هيو هتان مــال نــه صرف سنڌو سڀيتا جي ٻين شهرن ڏانهن ويندو هـو،

پر هتان سامونڊي ٻيڙا مال سان ڀرجي، ميسوپوٽيما (عراق) ۽ مصر لاءِ روانا ٿيندا هئا. هي شهر ان واپاري رستي تي هيو، جنهن تان هڙاپا، موهن ۽ منديگڪ جا واپاري پنهنجو مال کڻي لوٿل، رنگپور ۽ سومناٿ سميت ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي ٻين شهرن ڏانهن ويندا هئا. (1) هيءُ شهر نه صرف بحري پر بري لحاظ کان به واپار جي عروج تي هيو. بري لحاظ کان ان ڪري جو بلوچستان واري طرف کان ايندڙ وڻجارڪي واٽ، جيڪا منڇر ڍنڍ جي پرسان لنگهندي هئي، اها پڻ ڳاڙهي پڙي وٽان گذري لوٿل طرف ويندي هئي ۽ ٻيو بري رستو ڊرٻ ڏيتڙي، ڪوٽڏجي ۽ چانهون جي دڙي کان ٿيندو هتي پهچندو هو. بحري لحاظ کان هاڪڙو درياهه ڳاڙهي پڙي کان ڪجهه پنڌ تي وهندو هو. (2) جنهن جي رستي ڪالي بنگن، عالمگير پور، هڙاپا ۽ رحمان ڳڙهيءَ جا واپاري ٻيڙين ۾ سفر ڪري هتي پهچندا هئا ۽ پوءِ سمنڊ رستي ٻاهر ويندا هئا.

ڳاڙهي پڙي جا آثار، ٿرپارڪر ضلعي جي مٺي تعلقي ۾ آهن. جنهن جي کوٽائي پاڪستان جي قديم آثارن واري ماهر محمد شريف 1972ع ۾ ڪرائي. هن قديم شهر جا آثار 5-6 ايڪڙن جي وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهن ۽ دڙي جي سمنڊ جي سطح کان اوچائي 25 فوٽ ڪن مٿي آهي. هيءُ پڙو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصو ميدان ۾ اڀتي نڪتل پيٽ تي آهي ۽ ٻيو حصو انهيءَ ميدان ۾ فرلانگ ڪن ڪپر کان اندر ٻيٺل آهي. هن پڙي ۾ هڪ ڪوٽ جا آثار مليا آهن، جنهن بابت ماهر چون ٿا ته اهو پوءِ جي زماني سان واسطو رکي ٿو، پر ڪوٽ ۾ پکڙيل ٺيڪرات ان راءِ کي

شڪ □ تبديل ڪري ٿو. ڇو جو ڪوٽ وٽان مليل ٿانون جا پرزا □ ٺڪريون سنڌو سڀيتا جي مليل باقيات سان تعلق رکن ٿيون. ڳاڙهي پڙي مان مليل ٺڪر جا ٿانون هوبهو انهن ٿانون سان مشابهت رکن ٿا، جيڪي اڳ اولهه سنڌ جي شهري تمدن جي بستين مان ملي چڪا آهن. ان ڪري مليل ڪوٽ سنڌو سڀيتا جي وارثن جي محنت □ جدوجهد جو نتيجو آهي.

ڳاڙهي پڙي جو مٿاڇرو سڄو ٺڪرن جي ڀور □ ڀڪل مٽيءَ جي دز سان ڳاڙهو لڳو پيو آهي. جنهن مان هتان جي رهواسين جي ٺڪر جي ٿانون ٺاهڻ □ پڪين سرن سان گهرن جوڙڻ جي مهارت □ ڪاريگري جو پختو □ چٽو ثبوت ملي ٿو. هن قديم آثار مان باقياتي ڪوجنا ڪندڙ ماهرن کي ٺڪر ٿانون جي گهٽائي، ٺڪر جا ڪنگڻ، چقمقي پهڻ جا ڌار وارا اوزار، ٽامي جي ڪانٽن جا ٽوٽا ٽوڙي ڳريل پر اڻ سوڌيل ڌاتو جا ننڍا ننڍا ڳنڍا پڻ هٿ آيا آهن. (3) ڳاڙهي پڙي جي آس پاس □ ڪو به اهڙو هنڌ نه مليو آهي، جتان چقمقي پهڻ هٿ ايندو هجي. ان ڪري چقمقي پهڻ ضرور روهڙيءَ مان ڪوٽڏجيءَ جا باشندا هتي آڻيندا هوندا. يا وري ڪالي بنگن، هڙاپا، سري ڪولا جا ايندڙ مسافر جيڪي روهڙي رستي هيڏانهن ايندا هوندا، انهن اهي چقمقي پهڻ يا اوزار هتي آندا هوندا. ڇو جو چقمقي پهڻ ملڻ جو ويجهي □ ويجهو هنڌ روهڙي وارا ئي ٽڪر آهن.

ڳاڙهي پڙي جا رهواسي، جيڪي نه صرف ٺڪر جا عمدا ٿانون ٺاهيندا هئا □ پٿر جي اوزارن کي استعمال □ آڻيندا هئا، پر ان سان گڏ ڌاتو ڳاري انهن مان پڻ ڌات جا اوزار ٺاهيندا هئا. هو پنهنجي ٿانون تي موهن جي دڙي جي رهواسين وانگر

چٽسالي ڪندا هئا ۽ عجيب قسم جي چٽن ۽ گلن سان انهن کي خوبصورتي بخشيندا هئا. هو لطيف فن سان خاص ذوق رکندا هئا. هو ٿانون تي وڻ ٽڻ نقش ڪندا هئا ۽ انهن ۾ وڌيڪ دلچسپي پئدا ڪرڻ لاءِ ٿانون کي رنگين پڻ ڪندا هئا. (4) ان ڳالهه جي تصديق ڳاڙهي پڙي تان مليل اهي چٽساليءَ وارا ٿانون ۽ ٺڪريون آهن، جن تي شڪليون ٺهيل آهن. سندن ٿانون جو رنگ گهاٽو خاڪي آهي ۽ اُڪريل وٽن ۾ خاص وڻ ڪجيءَ جو آهي. مٿئين قسم جا ٿانون پر واري اُپيٽ تان به مليا آهن. هن پڙي مان مليل باقيات سنڌو ماٿر جي معاشرت ۽ تمدن تي خاصو مواد مهيا ڪري ڏئي ٿي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Mughal, M.R, “Present state of Research on the Indus valley Civilization” Karachi, 1973, P-3

2. Lambrick, H.T, “Sindh before Muslim Conquest” 1973, P-64

3. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص- 149

4. ساڳيو، ص- 149

نهٽو

نهٽو، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي دور سان واسطو رکندڙ شهر هيو. جنهن جا آثار ضلعي

ٿرپارڪر جي عمر ڪوٽ تعلقي ۾ هاڪڙي درياهه جي اپرندي ڪپ تي مليا آهن. (1) نهٽو ڏکڻ سنڌ جو ساموبڊي چيڙي وارو شهر هيو. ڇو جو ان دور ۾ سمنڊ جو ڪنارو نهٽي وٽ هيو ۾ سمنڊ جو پاڻي نهٽي شهر جي ڪپرن کي ڇهندو هو. پوءِ ڪافي عرصو گذرڻ بعد سمنڊ هيٺ لهي ويو ۾ اڄ نهٽي کان ڪوهن تي آهي. نهٽو ساموبڊي ڪناري وارو شهر ۾ درياهي پتڻ هجڻ ڪري سنڌو سڀيتا جي رياست لاءِ وڏي اهميت رکندڙ هيو. اتر سنڌ جا ٻيڙا ۾ جهاز سري ڪولا، هڙاپا، ڪالي بنگن ۾ ٻين شهرن مان هاڪڙي درياهه رستي هتي مال آڻيندا هئا، جيڪو وري ساموبڊي بندرگاهه رستي ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندو هو. نهٽو سمنڊ جي ڪاريءَ تي هجڻ ڪري جلدي ترقي ڪرڻ لڳو ۾ سنڌو ماٿريءَ جي اهم شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ايڇ ٽي لئمبرڪ هن شهر بابت چوي ٿو ته، " هن وسنديءَ جا ماڻهو هاڪڙي درياهه مان پنهنجون ٻيڙيون ڪاهي مٿين سنڌ ڏي ايندا هئا ۾ پنهنجي شهر مان هيٺ سمنڊ رستي ٻين ملڪن سان به واپار ڪندا هئا. نهٽي جي بندرگاهه کان سنڌو ماٿر جا ماڻهو ٻاهرين ملڪن ڏانهن سفر ڪري ويا."

نهٽي جو شهر سمنڊ جي مٿاڇري کان رڳو 15 فوٽ مٿي آهي. (2) نهٽي جا آثار ٻن دورن سان واسطو رکندڙ آهن ۾ اهي آثار ٻن دڙن تي ٻڌل آهن. هڪ اوڀارون دڙو ۾ ٻيو اولاهون. الهندي طرف وارو دڙو سنڌو سڀيتا جي دور جو آهي، جڏهن ته اپرندو ويجهڙ جي تاريخي دور جو آهي. (3)

نهٽي مان ڳاڙهي رنگ جا ٿانون مليا آهن. جن ۾ نڪر جا ٿانون، ڪنگڻ، سڪا، راندڪا، بيل

گاڏيون، مٽيءَ جا ڦيٿا ۽ زيور شامل آهن. هتان هڪ مســتطيل شــڪل جي مهــر لــڌي آهي. جنهن تي تصويري رسم الخط جون ٽي نشانيون اُڪريل آهن. (4) اهڙن ئي حرفن واري مهر موهن جي دڙي مان پڻ لڌي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Baloch, N.A, “In Search of the Indus Culture Sites in Sind”, Bulletin of Institute of Sindhology, Jamshoro, Vol: III, July 1973, P-16

2. لئمــبرڪ، ايچ ٽي، ”ســنڌ هڪ عــام جائزو“ ص- 149

3. Baloch, N.A, P-16-17

4. Same P-18

ترڙي گجو

تـرڙي گجـو، ”ڳوٺـاڻي ثقـافت“ جي دور جـو هڪ ڳوٺ آهي. جيڪـو ٺـٽي شـهر کـان ڍهـاڪو کن ميل اولهه طرف آهي. آثار قديمه جي ماهر ايچ ٽي

ڪزنس کي هتان نئين پٿر واري دور جي آباديءَ جا دلچسپ آثار مليا آهن. (1) هيءُ ڳوٺ ان ٻه واٽي تي آهي، جيڪو سٽڪاجن در، ٻالاڪوٽ، عالماٽو ڪان ٿيندو، ٽرڙي گجو وٽان لنگهي نهٽي ۾ ڪڇ جي ٻين شهرن ڏانهن وڃي ٿو. هيءُ ٻه واٽو ٻه مکيه واپاري رستو هو. جنهن رستي اولهه سنڌو ماٿر جي ملڪن سان ڪاٺياواڙ ۾ ڪڇ جو خشڪيءَ رستي واپار هلندو هو. (2)

هيءُ ڳوٺ ٻه ڪوٽڏجي، ڪوهٽراس ٻني ۾ ڳاڙهي پڙي وانگر هڪ ڪوٽ جي اندر آهي. هن قلعي جون پٿيون ٻٽيون هٺڻ ڪري ڪافي ٿلهيون آهن. قلعي جون ڪمانون بهتر قسم جون ٺهيل آهن ۾ قلعي جي چوڙائي 250 فوٽ آهي. (3)

هتان مليل اوزار ۾ ٿانون اهڙي ئي قسم جا آهن، جيڪي هن ڪان اڳ آمري ۾ ان جي هم اٿر هنڌن تان مليا آهن.

حوالا ۾ سمجهاڻيون

1. Pithawala, M.B, “Historical Geography of Sindh” Institute of Sindhology, Jamshoro, P-32

2. لئمبرڪ، ايڇ ٽي، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص- 144-145

3. Sorly, H.T, “Gazetteer of Sind” P-112

ڪوهتراش بٺي

ڪوهتراش بٺي جا قديم آثار ضلعي دادو ڪيرٿر جبل جي ڪڇ ڪرچات کان 10 ڪلوميٽر اتر اولهه طرف آهن. هن بستيءَ جي چوڪ چڪاس ڪوتائي قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمعدار ڪرائي. دڙي جي کوٽائي مان معلوم ٿيو آهي ته هيءُ قديم ماڳ سنڌو سڀيتا جي شروعاتي دور سان واسطو رکندڙ آهي هيءَ بستي سنڌ بلوچستان مليل ”ڳوناٽي ثقافت“ جي زماني جي آهي. (1)

ڪوهتراش بٺي، ان اهم ”وڻجارڪي واٽ“ تي آهي، جيڪا بلوچستان سنڌ کي ڳنڍي ٿي. قديم دؤر هن واٽ تان بلوچستان سنڌ جي شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلا لنگهندا هئا انهن قافلن جي منزل هن ئي بستي ٿيندي هئي. (2) ڇو جو هڪ ته اها ان واپاري رستي جي اهم خاص جڳهه هئي، جتان واپاري پنهنجو سيڌو سامان وٺي، اڳتي جي سفر لاءِ پوري تياري ڪندا هئا. ٻيو ته هي هنڌ ان لاءِ به اهم هيو جو هتي سامان جي مٽا سٽا ٿيندي هئي واپاري پنهنجو مال ٻئي ملڪي حصي ڏانهن ويندڙن جي حوالي ڪندا هئا. هيءَ وسندي ان جڳهه تي ان لاءِ به اهم هئي ته علائقي مان لنگهندڙ قافلن جي حفاظت ٿي سگهي واٽ جي سلامتي لاءِ هتي اهو انتظام ٿيل هوندو. واپارين جي اچ وڃ رهڻ ڪري هن شهر چڱي ترقي ڪئي. خاص ڪري ڪير ٿر جي ڪڇ جيڪي ان دور جا ڳوٺ هئا، انهن لاءِ هي جڳهه مرڪز جو

کم ڏيندي هئي ۽ هو پنهنجو سيڌو سامان هتان گهرائيندا هئا. هتي جي ماڻهن پنهنجي گذر سفر لاءِ مال ڌاريو ۽ ان کان سواءِ زراعت پڻ سندن خاص ڪرت ۾ شامل هئي. هتان جا رهواسي، ڪوهستان ۾ رهندڙ ماڻهن وانگر خانه بدوش نه هئا پر هو مالوند هئا، هاري هئا ۽ هنن بهترين گهر ٺاهي هڪ هنڌ رهائش اختيار ڪئي ۽ تمدني زندگي جو آغاز ڪيو. (3)

ڪوهتراش بڻي مان مجمدار ڪي بهترين قسم جون اڏاوتون مليون آهن. هڪ گهر مان مجمدار ڪي هڪ ڪنڊ ۾ بهتر قسم جو ٺهيل غسل خانو مليو آهي ۽ ان ئي گهر مان ٻن منزلن واري عمارت جا نشان پڻ مليا آهن. اتان هڪ ڏاڪڻ جا آثار به مليا آهن. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي ٻه ماڙ جڳهون به ٺهنديون هونديون ۽ گهرن جا فرش پڪسراوان هوندا.(4) يعني ڪوهتراش جا رهواسي موهن جي دڙي جي رهواسين جيترائي سڌريل ۽ متمدن هيا ۽ حفظان صحت جي اصولن تحت روزانو شنان پاٽي ڪندا هئا ۽ گهر به عمدي قسم جا ڪنهن رٿا سان جوڙيا هئائون.

ڪوهتراش ۾ هڪ عمدو ڪوٽ به مليو آهي. ان ڪوٽ جي پرسان چڱي ايراضي ۾ گهر ٺهيل آهن. (5) ان مکيه هنڌ کان ٿورو هيٺ ڪلئي ميدان ڏانهن جي نظر وجهجي ٿي ته ان پاسي به وڏي تعداد ۾ رهائش جا نشان ملن ٿا. ڪوهتراش مان مليل ڪوٽ بابت چئي نه ٿو سگهجي ته ڪو اهو خطري وقت بچاءَ لاءِ ٺهيل هو. باقي جي ايئن ڪٽي مڃجي ته ان ۾ واپارين ۽ وڏن ماڻهن جون جڳهون يا مال جا پاندا هجن ته به ٻي ڳالهه آهي.

ڪوهتراش جا باشندا مالدار ماڻهو هئا. هو رڍون، ٻڪريون، ڳڏهه، رڇ ۽ ٻيا جانور پاليندا هئا ۽ ڪاڏي ۽ انهن جو گوشت کائيندا هئا ۽ جانورن کان سواريءَ جو ڪم پڻ وٺندا هئا. هو ڌاتن جي استعمال مان پڻ واقف هئا ۽ هو ڪاپر مان پنهنجا اوزار ۽ ٿانون ٺاهيندا هئا.

ڳوٺاٽي ثقافت جي ٻين بستين وانگر هي ڳوٺ به ان جي بنياد وجهندڙن پاڻي جي سهوليت کي آڏو رکي ٺاهيو ۽ اتي وڃي رهائش اختيار ڪيائون، جتي پاڻي جالارو ملندو هو. هن بستيءَ جي پرسان چشمو مليو آهي، جتان نه صرف پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪيو ويندو هو، پر ان چشمي جي پاڻي تي ٻني ٻارو پڻ ڪيو ويندو هو. (6) چو جو گبر بندن جي وچ تي هن بستي جي پرسان اهڙي زمين موجود آهي، جتي کيتي باڙي ڪري سگهجي. ٻيو ته برسات جي مند ۾ پاڻي جيڪو جبلن تان لهندو هو. اهو گبر بندن رستي درياهن ۾ وڃڻ کان روڪي، ان تي هتان جا رهواسي فصل ڪندا هئا.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Mughal M.R, Dr. “The Dawn of Civilization of Sindh”, Sind Quarterly, 1980-1, PP-26-7

2. لئبرڪ، ايڇ.ٽي، ”سنڌ-هڪ عام جائزو“ ص-94-95

3. Mujmadar, N.G, “Exploration in Sind”, Indus Publication KARACHI, 1981, Ch: 7 and 89

4. Sorly, H.T “Sind Gazetteer” p-112

5. لئبرک-ساڳيو-ص ص-95-96

6. Mujmadar-Same.

پانڊي واهي

پانـڊي واهي جـا قـديم آثـار دادو ضـلعي جي جوهي تعلقي ۾ نارا نئن ويجهو آهن. ڳوناٽي ثقـافت جي وارثن جي هيءَ وسندي ڪير ٿر ڇپر جي هيٺــان هڪ مثانهين ماٿر تي آهي. هيءَ وسندي موهن جي دڙي جي شهر تمدن کان اڳ جو هڪ ننڍو ڳـوٺ يـا واهڻ آهي. کوٽـائي دوران اتـان ٻـه تهـه مليـا آهن. هيـٺيون تهـه، جيڪـو ڳوناـٽي ثقـافت واري دور جـو آهي، اتان آمريءَ جي دؤر وارا ٿانون مليا آهن. (1) جڏهن ته مٿئين تهـه مـان هڙاپـا دور جـا مخصـوص ٿانو ڳـاڙهي تـر تي ڪـاري چٽسـالي وارا مليـا آهن. قــديم آثــارن جي مــاهر فليم جي راءِ ۾ تــه اهــو ضرورري ناهي ته اهـڙي چٽسـالي واري ٿـانو فقـط هڙاپا دور سان واسطو رکندڙ هجن. جڏهن ته هتان ملندڙ ڪن ٿانون جو واسطو ڏاکڻي بلوچستان سان به آهي. (2) ٿانون کان سواءِ هتـان افغانسـتان جي

قديم آثار منديگگ مان لينڊڙ قيمتي مٽيا، نيزا، چقمقي پٿڻ وارا اوزار پڻ مليا آهن. چٽن ۾ پپر جو پن، مڇين جا چلر ۾ ڏڳن جا چٽ عام آهن. ڏڳي جو نمونو بلوچستان جي ڪلي-ميهي ڪلچر سان واسطو رکندڙ آهي. جڏهن ته مڇين جا چلر موهن جي دڙي سان واسطو رکندڙ آهن.(3)

هيءَ وسندي، انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي مال ڌاريندا هئا ۾ پوکي راهي تي گذران ڪندا هئا. هو ننڍا مستطيل گهر ٺاهي، انهن ۾ رهندا هئا. گهرن جي پتين جي پيڙهه پٿر جي رکندا هئا، باقي اڏاوت چيرولي يا گاري سان ڪندا هئا. ڪن هنڌن تي سَرن جي تيلين ۾ پيسن جي پترن جا به چپر ٺاهيندا هئا ۾ انهن مٿان ٿلهي گاري جو تهه چاڙهي چڙهيندا هئا. اهڙي قسم جون اڏاوتون گهٽ ئي ٿينديون هيون، پر گهٽو ڪري پٿر ۾ چيرولي سان مضبوط ڪيل اوساري جو ڪم جام هلندو هو. چو جو پانڌي واهي ڪير ٽر جي پاڙ وٽ هئي. جتي پٿر جو ججهوانداز ۾ ان ڪي سولائي سان حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم هيا. هتان جا باشندا پنهنجا اوزار چقمقي پٿڻ جا ٺاهيندا هئا. چقمقي پٿڻ حاصل ٿيڻ جو هنڌ پانڌي واهي جي تمام ويجهو مليو آهي. ان هنڌ جي پرسان اوزار ٺاهيندڙ ڪارگيرن جي پترائن گهرن جا نشان ۾ سندن اوزارن جي پور ۾ ٽڪرا وڏي انداز ۾ مليا آهن. پانڌي واهي جي ماڻهن پنهنجي هٿ رهائش پاٽي جي سهولت ڪي مدنظر رکي اختيار ڪئي ۾ اتي ئي وجي پنهنجا جهوپا جوڙيا، جتي پاٽي آسانيءَ سان ملي سگهيو ٿي. پانڌي واهي ڳوٺ جي پرسان پاٽيءَ جو هڪ چشمو به مليو آهي. جتان اتان جا باشندا پاٽي حاصل ڪندا هوندا ۾ ان ئي چشمي جي پاٽي تي گذر سفر لاءِ

ٻني ٻارو ڪندا هونـدا. ان چشـمي مـان نڪتـل هڪ ڪـڙيي (واٽـر) جـا نشـان مليـا آهن. جيڪـو ڪڙيـو چشمي مان نڪري آبادي لائق زمين کي پوک ڪرڻ لاءِ پاڻي پهچائيندو هو. پون وگياني ماهر فيبدن گهٽـو اڳ ان چشمي جو جائزو وٺي ٻـڌايو هـو تـه چشـمو اڳ جيترو جالارو هو، هاڻي ايترو نه رهيو آهي.

پانڌي واهي وسنديءَ ۾ اسان کي ٻن قسمن جا گهر ملن ٿا. هن وسندي جا مرڪزي گهر جيڪي ننــڍڙي ايراضـــيءَ ۾ پکڙيـــل آهن ۾ هڪ قـــدرتي مٿانهين دڙي تي آهن. انهن گهرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هيءُ گهر جيڪي مرڪز ۾ آهن، اهي ڳوٺ جي چڱي مڙس ۾ سندس عزيزن جا هوندا ۾ ان مرڪـزي رهائشـي ايراضـيءَ جي چـوڌاري پـري پري تائين چوٿائي ڪن ميل ۾ اڪيلا گهر يا گهرن جـا ميڙاڪا لڌا ويا آهن، جيڪي ٻئي قسم جي گهـرن ۾ شامل آهن، جتان ڪافي انداز ۾ پڳل ٿانون، قيمـتي چقمقي پهڻ جا اوزار مليا آهن. اهي گهـر وسـنديءَ جي هارين نارين ۾ مالوندن جا هونـدا. پانـڌي واهي وسنديءَ جا رهواسـي هـاري ۾ مالـدار هئـا. پنهنجـو گهڻـو وقت مـال چـارڻ ۾ زراعت ڪـرڻ تي صـرف ڪندا هئا. (4)

هن وسـندي جي ملڻ سـان سـنڌو مـاٿر جي قديم ڳوناٽي ثقافت تي وڌيڪ روشني پوي ٿي. ٻيـو تـــه هيءُ هنـــڌ ان ڪـــري بـــه اهم آهي جـــو هي ميسوپوٽيما (عراق) سـان ٿينـدڙ واپـاري رسـتي تي هيـو ۾ واپـاري قـافلا هي وسـندي لتـاڙي مـولا لک ذريعي ميسوپوٽيما ويندا هئا.

حوالا ۾ سمجهاڻيون

1. Flame, Louis, “The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind” (CA 4000-2000 B.C), A dissertation in South Asia Regional Studies, Pennsylvania, 1818, P-271

2. Majumdar, N.C, “Exploration in Sindh” P-94

3. See Majumdar & Flame

4. لئمبرک، ”سنڌ هک عام جائزو“ ص- 98-99

5. Panhwar, M.H, “Chronological Dictionary of Sind”

علي مراد

علي مراد جا قديم آثار دادو شهر کان 20 ميلن جي فاصلي تي ڏکڻ طرف مليا آهن. قديم آثارن جي ماهر مجمدار 1928ع کان 1931ع تائين چوک چڪاس کري، هن علائقي □ علي مراد سان گڏ لوهري □ غازي شاهه وٽ پڻ کُٽ واري زماني (Bronze Age) جي وسندين جا آثار ڳولي هٿ ڪيا. (1) هيءُ مڙئي وسنديون ان دور جي قديم ”وٽجارڪي واٽ“ تي آهن، جيڪا واٽ ڪوهستان

منجهان ڏکڻ طرف هلندي منڇر ڍنڍ کان 70 کن ميل پرتي ان هنڌ تائين وڃي ٿي، جتي نئن باران ميدان ۾ داخل ٿئي ٿي. مجمدار کي ان واٽ سان 12 کان 15 ميلن جي وٿي تي قديم لوڪن جون منزل گاهون مليون آهن. اهي مڙئي منزل گاهون پاٽيءَ جي چشمن ۽ نئين جي وهڪرن جي ويجهو مليون آهن. (2)

علي مراد جا قديم آثار، هڪ وارياسي ميدان ۾ دڙي جي صورت ۾ هٿ آيا آهن. جتان مجمدار کي ان دور جي ڪوهه جا آثار پڻ مليا آهن. دڙي جي کوٽائي بعد هڪ ڪوٽ مليو آهي، جنهن جي ڊيگهه ۽ ويڪر 250 وال آهي. ڪوٽ جي اوساري ۾ 2 فوٽ ڊگها ۽ هڪ فوٽ ويڪرا ۽ 5 فوٽ ٿلها پٿر ڪم آندا ويا آهن. ڪوٽ جو دروازو ڏکڻ طرف آهي. ڪوٽ جي اندر هڪ ڪوهه ۽ ڪجهه گهرن جا نشان مليا آهن. (3)

علي مراد وٽ مليل ڪوٽ بابت ايچ ٽي لئمبرڪ چوي ٿو ته علي مراد وارن اهو ڪوٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ٺاهيو هوندو. ڇو جو علي مراد جي منهن ۾ قوسي لڪ وٽ بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪ مکيه واٽ آهي. (4) ان ڪري اها ڳالهه يقيني آهي ته اهو ڪوٽ اتي جي باشندن پنهنجي بچاءَ لاءِ ٺاهيو هجي ته جيئن قوسي لڪ کان ايندڙ حملي آورن کان بچاءُ ڪري سگهجي.

هتان مليل ٺيڪرات جي ڳاڙهي سطح تي ڪارن چٽن سان چٽسالي ٿيل آهي. هن دڙي مان ملندڙ باقيات هوبهو هڙاپا مان ملندڙ باقيات جهڙي آهي. جيئن پپر جي پنن جي نشانن وارا مٽيءَ جا ٿانون، پڪل مٽيءَ جا نهيل ڏاندن جا پتلا، پٿر جا چاقو، ڪُٽ يا ٽامي جي پيتل پاسن واري ڪهاڙي ۽

عقيق جا مڻيا. (5) اهي سڀ مليل شيون هن بستيءَ جو هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي رهواسين سان گهاٽو تهذيبي واسطو ڏيکارين ٿيون. (6) ماهرن هن بستيءَ کي سنڌو ماٿر جي شهري تمدن جي هڪ اهم بستي قرار ڏنو آهي، جيڪا ڪُٽ واري دور جي هڪ وڏي آبادي هئي. (7)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Majumdar, N.G, “Exploration in Sind”, P-90-91

2. لئمبرڪ، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص- 95

3. صديقي، ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ ص- 55-54

4. لئمبرڪ، ساڳيو، ص-143

5. صديقي، ساڳيو، ص-54-55

6. Flame, Louis, 1881, P-274

7. Sorly, “Sind Gazetteer”, P-112

ٻرپ ڏيٺڙي

سنڌ ۾ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي دور جي هڪڙي وسندي ٻرپ ڏيٺڙي ضلعي سکر ۾ آثار قديمه جي ماهرن کي ملي آهي. (1) هيءَ وسندي سکر شهر جي اتر اوپر ڪنڊ تي گهاگهر-

هاڪڙو درياهه جي ٿٽل وهڪري جي ساڄي پاسي ڪپ تي ڳوٺ يارو لنڊ ۽ صاحب خان لنڊ جي وچ ۾ آهي. (2)

هيءُ ٿٽل شهر زمين ڪان 100 فوٽ ڪن اتاهين جڳهه تي آهي ۽ ان جو متاڇرو اڌ چورس ميل ڪن ٿيندو. جيڪو سڄو ٺيڪرات سان ڍڪيل آهي. هيءُ وڏي ايراضي وارو شهر واريءَ هيٺان لڪي ويو آهي. هن وسندي جي ڏکڻ – اوڀر واري پٽ تان هڪ کوهه لڌو ويو آهي. جيڪو زمين جي متاڇري ڪان ڪي چار فوٽ هيٺتي زمين ۾ پوريل آهي. اهو کوهه گهيري ۾ پنج فوٽ ڪن آهي. پر پاسن جي هر قطار ۾ رڳو 9 سرون اٿس، جيڪي سڀ هڪ ئي ڪاچي ۽ قالب جون نه آهن. اهي سرون آڏيون گولائي ۾ لڳل آهن ۽ پاسي ڪان ڏسڻ تي ونگ جو ڏيک ڏين ٿيون. اوساري جو هيءُ نمونو موهن جي دڙي جي انيڪ کوهن جي اوساريءَ ڪان بنهه نيارو آهي. (3) هن وسنديءَ جي اتر اوڀر ڪنڊ ۾ چئن ميلن جي فاصلي تي سنڌو سپيتا جو هڪ ٻيو ماڳ ونجهڙوٽ مليو آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. لئمبرڪ، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص- 146
2. ساڳيو، ص- 170
3. ساڳيو، ص- 146-147

ٿيڙ

ٿيڙ، اتر سنڌ ۾ تعلقي روهڙي، ضلعي سکر جي پرسان هڪ سنڌو سڀيتا جو ماڳ آهي. هيءَ بستي ممڙي کان کي 3 ميل اوپر ۾ هڪ واهيءَ وٽ آهي، جيڪا ريٽي نديءَ ڏي وڃي ٿي. ٿيڙ، سنڌو تهذيب جو تمام ننڍڙي پڪيڙ، اٽڪل هڪ ايڪڙ کن ايراضيءَ وارو ماڳ آهي. هن دڙي جو مٿاڇرو ٺيڪراٺ سان پريل آهي. جن ۾ چقمقي پھڻ جي ڌار وارا اوزار ۾ نڪر جا ٽنگر ٽانون به اڇي وڃن ٿا. کوٽائي ۾ هڪڙي جاءِ جي پٽ به نڪتي آهي، جيڪا پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (لئمبرڪ، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-147)

لکمير جي ماڙي

لکمير، نئنگ جي پرسان تعلقي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ آهي. جتان سنڌو سڀيتا جي دور جا قديم آثار مليا آهن. لکمير جي ماڙي جا قديم آثار پٽ کان اٽڪل 60 فوٽ اتانهان آهن. مٿاڇري تي وڏين گنل ڪاڏل اوسارين جا نشان مليا آهن. جن جي چوڏاري پٿرن جا ڍِڳ سٽيا پيا آهن. (1) جڏهن ته ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ هڪ ٻئي جي پاسي ۾ پهريدارن، خادمن جي ڪوٺين ۾ جاين جا آثار نظر اچن ٿا. هي ماڳ هڙاپا دور جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ نظر اچي ٿو. هتان لپندڙ ٽانون ۾

ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارا ٿانو، چقمقي پھڻ وارا اوزار هٿ آيا آهن. (2)

هي وسندي به پاڻي جي سھولت جي لحاظ کان هڪ جالاري چشمي پرسان آهي. ان چشمي ۾ پاڻي جي حفاظت لاءِ چوڌاري ٻنا ڌنل آهن. (3)

حوالا ۾ سمجهاڻيون

(1) لئمبرڪ، ايڇ. ٽي، ”سنڌ- هڪ عام جائزو“ ص- 101-100

(2) Mujumdar, 1984, P-88

(3) لئمبرڪ- ساڳيو ص-100-10

ڪائي بٺي

ڪائي بٺي جا قديم آثار دادو ضلعي جي تعلقي سيوهڻ ۾ ڪائي ڳوٺ ويجهو، ڪائي ماٿري جي ڏکڻ اولھه حصي ۾ آهن. هيءُ سنڌو سڀيتا جي دور جو هڪ وڏو ڳوٺ آهي. ڪائي جي پرسان پڻ هڪ وڏو پاڻي جو چشمو مليو آهي. جتان ڪائي وارا نه صرف پيئڻ جو پاڻي پر ٻني ٻاري لاءِ پڻ پاڻي حاصل ڪندا هئا. ڇو جو ڪائي پرسان جيڪو چشمو مليو آهي، ان تي هڪ چڱي ڀلي ڳوٺ جي پورائي لاءِ فصل ڪري سگھجي ٿو.(1)

ڪـائي بـني جي وسـنديءَ ڪـان ڪجهـه وال پرتي اپيءَ لاهيءَ وارن پاسن سان هڪـڙي چپـٽري مٿاڙ واري ٽڪـري آهي. جنهن تي هڪ ڪـوٽ اڏيـل آهي. لئمـبرڪ جي چـوڻ مـوجب تـه ان زمـاني ۾ ڪائي جا رهاڪو مصيبت وقت ڪوٽ ۾ وڃي پناهـه وٺندا هئا. ڪائي بني قد ۾ گهٽي ننڍي آهي، پر پڪـيڙ ۾ ميري ۾ لڪمير جيتري آهي.

هتي پنگار واري دور جي ٺڪرات به عام جام نظر اچي ٿي. فليم ان بابت چيو آهي ته ڪائي بـني جو ڪنڀارڪو هـنر آمـري دور سـان واسـطو رکنـدڙ آهي. (2)

حوالا ۾ سمجهاڻيون

(1) ليمبرڪ، ”سنڌ- هڪ عام جائزو “ ص-100

(2) Flame, Louis “The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind” 1881, P-292

لنڊي بني

لنڊي بني، دادو ضلعي جي تعلقي سـيوهڻ ۾ نئنـگ نئن جي سـاڄي ڪپ تي (اوپـر طـرف) بـڊو رينج ويجهـو، نئنـگ ڳـوٺ ڪـان ڏکڻ اوپـر طـرف 2 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. هن تاريخ ڪــان اڳ جي ماڳ جي اصلي بناوت گهـٽي وڏيڪ چـٽي آهي. اهـو مخروطي دڙو، هڪ بـئي مٿـان ٽن پـٽرائن پـتين يـا

ٿلهن سان وڪوڙيل آهي ۾ چوٽي تي ماڙي جا نشان اٿس. ان مان لڳي ٿو ته ان تي ڪو ڪوٽ نه پر ميسوپوٽيما جي اهرام جي صورت جهڙي ڪا عبادت گاهه هئي. هتي ساڄي پاسي جيڪو ٽڪر جو ويڪرو چپٽرو ٽڪر آهي، سو مکيه رهائشي ايراضي لڳي ٿو. چو ته اهو پهڻ، ٺڪراٺن، پڳل ٽانون ۾ چقمقي پهڻ جي ڏڪيل ٺڪرن سان اصل ڪارو لڳو پيو آهي. سو ان هنڌ جي عام بيهڪ ۾ بناوت ڏنپ بنيءَ سان مشابهت رکي ٿي. مڪاني عقيدو آهي ته لنڍي بني جون پٽيون بچاءَ لاءِ ڪنيون ويون هيون. (لئمبرڪ- ص- 101)

ليمون جوٽيجو

ليمون جوٽيجي جا قديم آثار اتر سنڌ ۾ شڪارپور ڪان 40 ميل الهندي طرف آهن. (1) هي تاريخ ڪان اڳ جي دور جي رهواسين جو ڦٿل شهر سنڌو سپيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي. هن دڙي جي نشاندهي ۾ تصديق آثار قديمه جي ماهر اين جي مجمدار ڪئي آهي. (2) هن بستي مان موهن جي دڙي ۾ هڙاپا مان ملندڙ ٽانون ۾ اوزارن جهڙيون شيون مليون آهن.

حوالا ۾ سمجهاڻيون

(1) پيرومل، مهر چند آڏواڻي، ”قديم سنڌ“ ص-76

يا مولائي شيدائي، ”تمدن سنڌ“ ص-11-12

(2) Majumdar, N. G "Exploration in Sind", Archaeological Survey of India No: 48

غازي شاهه

غازي شاهه جا قديم آثار ضلعي دادو ۾ تنڊو رحيم خان کان ڏکڻ اولهه 6 ڪلو ميٽرن تي پٽ رينج جي پيرانديءَ کان اتر اولهه پير غازي شاهه کان 2 ڪلوميٽر اولهه طرف آهن.

قديم آثارن جي ماهر مجمدار 1928ع کان 1931ع تائين جاچ پڙتال ڪري، جيڪي سنڌو سڀيتا جي ڪُٽ واري دور جا شهر ۾ ڳوٺ ڳولهي هٿ ڪيا، انهن مان غازي شاهه پڻ هڪ آهي. (1) هي سنڌو سڀيتا جي ڳوٺاڻي ثقافت ۾ شهري تمدن جو گڏيل هنڌ آهي. جتان اسان کي رهائش جا 2 تهه مليا آهن. (2) هڪ شروعاتي تهه، جيڪو ڳوٺاڻي ثقافت وارن جو هيو ۾ ان بعد ٻيو مٿيون تهه شهري تمدن جي دور سان واسطو رکندڙ آهي.

هن آثار جي شروعاتي تهه مان اسان کي اوائلي انساني ڏنڌن، سنڌن ڪرت ۾ مشغولي جا نشان مليا آهن. هيٺين تهه مان اسان کي ڪي به تعميراتي جايون يا گهر نه مليا آهن. پر صرف اتي رهندڙن جي استعمال جا اوزار ۾ ٿانون مليا آهن. (3) جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي جا پهريان آبادڪار سرن سان اڏاوتون ڪو نه ڪندا هئا، پر ڪکن ۾ ڪانن جي لانڍين ۾ ڇپرن ۾ رهندا هئا.

جڏهن ته آخري مٽئين تهه جا رهندڙ ڪاپر استعمال ڪندا هئا ۽ اڳين ڪان وڌيڪ متمدن زندگي گذاريندا هئا. دڙي جي کوٽائي مان ڏاند جا مجسما، جابلو ٻڪرن جون تصويرون، ڦٽين جا مختلف نمونا ۽ ٻئي هار سينگار جو سامان مليو آهي. هتان جا ماڻهو رڍون، ٻڪريون، رڇ ۽ ڳڌهه ڌاريندا هئا.

مجمدار کي هتان جيڪي ٿانون مليا آهن، تن تي ڳاڙهي مٽان ڪاري چٽسالي ٿيل آهي. ڪن ٿانون تي ڍڳي جي مورت آهي. اهڙيون ساڳيون ڍڳي جون مورتون نال منجهان به مليون آهن. ان کان سواءِ مور جو استعمال به گهٽي پاڳي ٿيل آهي. پپر جي پن جو به جام تصويرون مليون آهن. (4)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) Majumdar, N.G, “Exploration in Sind” P-85

(2) لئمبرڪ، ايچ. ٽي، ”سنڌ- هڪ عام جائزو“ ص-142

(3) Sorely, H.T, “Gazetter of Sind” P-112

(4) Flame, Louis, “The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind”, P-281

نارو وارو دڙو

سنڌو سڀيتا جي وارثن جي هي بستي ضلعي خيرپور جي ٺٽڙي مستي خان اسٽيشن جي اوڀر ۾ ٻن ميلن جي فاصلي تي آهي. هن بستيءَ کي 1935ع ۾ قديم آثارن جي هڪ ماهر پنڊت ماڌو سروپ ڳولهي لڌو. (1) جتي ڪيس ڪيترائي واري جا دڙا مليا. جن مان ڏکڻ اوڀر ڇيڙي وارو دڙو ”نارو وارو دڙو“ آهي. (2) جيڪو سنڌو سڀيتا جي ڳوٺاڻي ثقافت وارن رهواسين ۽ ان کان پوءِ شهري تمدن جي وارثن جو گڏيل هنڌ آهي. (3) هتان جي رهواسين جا ڪوٽڏجي جي باشندن سان گهرا لاڳاپا هيا، ڪوٽڏجي وارا قديم آثار هن بستي کان 7 ميل اتر اولهه ۾ آهن.

نارو جي دڙي مان مليل برتن تمام سٺريل قسم جا نظر اچن ٿا. جن جي جوڙجڪ اعليٰ قسم جي ۽ انهن تي ٿيل چٽسالي، سندن فن جي پختگيءَ جو اعليٰ ثبوت آهي. (4) هن دڙي جي کوٽائي مان مليل شيون، ڪوٽڏجي ۽ موهن جي دڙي مان مليل شين سان ڪافي مشابهت رکن ٿيون. هتان ملندڙ زيورن ۾ هٿن جون منڊيون وغيره موهن جي دڙي مان مليل زيورن سان مشابهت رکن ٿيون. دڙي جي کوٽائي مان قديم آثارن جي ماهرن کي ٻارن جا رانديڪا، ڊگهي گاڏيون، چوڙيون ۽ ٻئي هار سينگار جي سامان سان گڏ بهترين قسم جي نڪر جا ٿانون مليا آهن. (5) ماهرن هن دڙي مان هڪ انساني هڏائون پڃرو به لڌو آهي.

نارو وارو دڙو، سنڌو سڀيتا جي ڳوٺاڻي ثقافت ۽ شهري تمدن جي مليل جليل دورن جو هڪ بهترين سنگم آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) Pithawalla, “Historical Geography of Sind”, P-166

(2) Exploration at Naru Waro Daro, Archaeological Deptt: of Pakistan, 1964-vol: 1

(3) Flame, Louis, “The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind” – P – 941

(4) Pithawala, P-166

(5) Pithawala, P-167

ڏنب بني

ڏنب بني جا قديم آثار دادو ضلعي ۾ جهانگارا ڳوٺ کان 10 ڪلوميٽر ڏکڻ اولهه ۾ آهن. هتان قديم آثارن جي ماهر فليم ۽ مجمدار کي ٺماڙ جڳهه جا نشان هٿ آيا آهن. جنهن جي لاهيءَ کان پٿين جا نشان موجود آهن. جڏهن ته ڏاکڻين طرف هڪ ڏاڪڻ جا نشان مليا آهن. هن جي هيٺيان ڏکڻ، اوير ۽ اتر کان پيڙهه جي پٿين جا نشان مليا آهن. جنهن مان گهرن جي ڪمرن جي نشاندهي ٿئي ٿي. مجمدار بٺي جي کوٽائي دوران هڪ انساني ڍانچو ڳولي هٿ ڪيو. هتان ملندڙ ٿانون آمري ۽ هڙاپا جي دورن سان واسطو رکن ٿا. جنهن مان

معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ماڳ ڳوٺاڻي ثقافت سميت شهري تمدن واري دور سان به واسطو رکي ٿو.

ديهه ماڙي صابري

ديهه ماڙي صابري جا قديم آثار ضلعي نواب شاهه ۾ ڳوٺ نواز ڏاهري پرسان آهن. هي ماڳ هڙاپا دور سان واسطو رکي ٿو. هتان ملندڙ شين ۾ ڪاري تي ڳاڙهي چٽ وارا ٿانو، ٺڪر جو ڍڳو، ٽنگر سامان جا ٽڪر شامل آهن.

ڏيسوئي

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۾ ٿاڻي بولا خان کان اٺ ڪلو ميٽر اتر اوير تي ڏيسوئي نئن ويجهو آهي. هي ماڳ تراڪڙو آهي. پٿر جي ڪپچي ۾ وٿون جا بجا پکڙيل آهن. هتان ملندڙ سامان ۾ ٽنگر ٿانو، ٺڪر ۾ ٺامي جا چوڙا، ڪٺ جو وٽ، ننڍڙا ٺڪر جي گاڏڙن جا ٽڪر، به سو گول ۾ به ڇهنبارا ٺڪر جا ڳوڙها به لڌا ويا آهن. اهڙا ڳوڙها ٿاڻي بولا خان جي ڀين ماڳن تان به لڌا ويا آهن. مجمدار ۾ فليم جي راءِ موجب هي ماڳ هڙاپا دور سان واسطو رکي ٿو.

الهه ڏنو

قديم آثارن وارو هيءُ هنـڌ ڪـراچي ڪـان 32 ڪلوميـٽر اتـر اوڀـر طـرف آهي. هن مـاڳ تـان ٽن دورن جا آثار مليـا آهن. هي مـاڳ سـنڌو سـڀيتا جي دور سان واسطو رکندڙ آهي.

ماهرن هن وستيءَ چٽسالي سان گڏ سـادا ٿانون به لڌا آهن. الهڏني جي پٿين پٿرن سان گـڏ ڪچيون سرون به استعمال ٿيل آهن. ڪوٽـائي مـان سون چاندي به هٿ ڪئي وئي آهي.

عاملاٽو

عاملاٽي جا قديم آثـار ڪـراچيءَ ڪـان اٽڪـل 34 ڪلوميٽر اتر اولهه طرف مـول ملـير نئن جي سنگم تي آهن. هي بسـتي 91 ميـٽرن انـدر ڦهليـل آهي.اهجــاٽ تراڪــڙا آهن، مــاڳ ســنڌو ســڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

عارب جو ٺاٽو

عارب جي ٺاٽي جا قـديم آثـار ضـلعي دادو شـاهه جــو ڪونڙيــو ڪـان اٽڪــل 5 ڪلوميــٽر ڏکڻ طرف ناريئڙو جبلن جي پيرانڊيءَ آهن.

لئمــبرڪ ڪي هن بســتي مــان تــامي جــون ڇيـــٽيون هٿ آيـــون آهن. اين جي مجمـــدار، هن

بسـتيءَ کي سـنڌو سـيپتا جي شـهري تمـدن جي رهواسين جو وٺاڻ ٻڌائي ٿو.

شاهه جو ڪوٽڙو

هيءُ مـاڳ دادو ضـلعي ۾ ڪجـور کـان 7 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر طرف باران نئن جي اوپـر ڪـاٻي پاسـي واقـع آهي. هوٿيـاٽو جبـل کـان هڪ نڪرنـدڙ چشمو مـاڳ جي پرمـان لنگهي ٿـو. هن قـديم آثـار جي مٿاڇري تي پيٽ جا آثار نظر اچن ٿا. هتان لڀندڙ ٿـانون جـو نمونـو ڏکڻ بلوچسـتان جي قـديم مـاڳن ڪلي ۾ ميهي مـان بـه لـڌو ويـو آهي. هتـان مليـل ٿانون تي ڪجي جو وڻ ۾ ٻڪـرن جـا چٽ بـه ٿـانون تي چٽيل آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هتـان جـا ماڻهو ٻڪريون ڌاريندا هئا ۾ ان دور ۾ سـنڌ ۾ ڪجي پوکي ويندي هئي.

ٻانڌڻي

ٻانڌڻي جو قديم مـاڳ دادو ضـلعي ۾ ٻانـڌڙي نئن ويجهو ٻانڌڻي ڳـوٺ پرسـان آهي. دڙو اتـر کـان اتانهون ۾ ڏکڻ کان تراکڙو آهي. مجمدار هن قــديم مـاڳ جي کوٽـائي ڪـرائي، جتـان پـٽر جـون پـتيون مليون آهن. قديم آثار مـان ملنـدڙ ٿـانون، هن مـاڳ

جو آمري ثقافت (ڳوٺاڻي ثقافت) سان ڳانڍاپو ڏيکارين ٿا.

هن ماڳ تان ملندڙ باقيات ۾ به رنگا سنهڙي چادر وارا ٿانون ۽ چقمقي پٿر جا اوزار شامل آهن. ٿانون تي ڳاڙهي ۽ ناسي رنگن جا چٽ چٽيل آهن، جڏهن ته انهن جو تهه پيلو آهي.

چؤنرو

چؤنرو جا قديم آثار دادو ضلعي ۾ باندڙي نئن جي ڏکڻ طرف آهن. هي ماڳ مخروطي دڙي ۾ هڪ هيٺاهين وسندي تي ٻڌل آهي. هتان مجمدار کي کوٽائي دوران پٿون مليون آهن. هي ماڳ ڳوٺاڻي ثقافت واري دور سان واسطو رکندڙ آهي. هتان ڳاڙهي ۽ ڦڪي رنگ جا ٿانون لڌا ويا آهن. جيڪي هن کان اڳ آمري مان ملي چڪا آهن. جن تي چاڪليٽي ڦڪي رنگ سان چٽسالي ٿيل آهي. ٿانون چڪ تي ٺاهي پچايا ويا آهن. هن آثار مان ليمبرڪ کي هڪ چقمقي پهڻ جو ڪپ هٿ آيو آهي، جيڪو 5 انچن کان وڌيڪ ڊگهو آهي.

ڍال

ڍال ٻني جا قديم آثار لکي جبلن جي اولهه طرف ضلعي دادو ۾ آهن. هن قديم بستيءَ جو نشان هڪ ٽڪنڊي جي صورت ۾ موجود آهي.

ٽڪنڊي جو ننڍي ۾ ننڍو حصو اتـر واري پڇـڙي آهي ۽ اتـر واري پڇـڙي تي ميـدان هڪ مخـروطي دڙي جي صـورت اختيـار ڪـري ٿـو. هن قـديم آثـار جـو واسطو سـنڌو مـاٿر جي ڳوٺـاٽي ثقـافت سـان گـڏ شهري تمدن واري دور سان به آهي. هتان مجمدار کي جتي آمري دور جـا سـنها ٿـانون مليـا آهن، اتي ٽڪر جي چوٽيءَ تي ڪٺ جي دور جي عمـارتن جـا آثار نه نظر آيا آهن. هتـان ملنـدڙ شـين ۾ چٽسـالي ٿيل ٿانون، نڪـر جـا چـوڙا، اسـٽينڊ تي ڊش ۽ ٽنگـر ٿانون شامل آهن.

قديم آثارن جي ماهر مجمدار کي اوپـر واري اڌ مان پٿين جي پيڙهه وارا پٿر نظر آيـا. جـڏهن تـه فليم کي بــنيءَ جي اولهــه واري پاســي ڪــان هڪ گولائين پٿرائين اڏاوت جا آثار مليا آهن.

ڏيجيءَ جي ٽڪري

هيءُ قـديم آثـارن وارو مـاڳ خـيرپور ضـلعي جي ديهــه چونــئرو ۾ آهي. 1938ع ۾ هڪ مــاهر وئٽس هيءُ ماڳ ڳولي هٿ ڪيـو. جيڪــو چن واري پٿر جي ٽڪريءَ تي آهي ۽ آس پـاس واري ميـداني علائقي کان اٽڪـل 12 ميـٽر مـٿي آهي ۽ شـڪل ۾ چوڪنڊو آهي.

وئٽس جي راءِ موجب هن وسنديءَ جا 4 کان 5 تهــه آهن. مـٿيون تهـه سـنڌو سـپيتا جي شـهري تمدن سان واسـطو رکنـدڙ آهي. جـڏهن تـه هيـنين تهن جــو واســطو ڳوٺــاٽي ثقــافت واري دور ســان آهي. هتان ڪجهه اهڙيون باقيـات مليـون آهن، جن

جهڙيون هن ڪان اڳ ڪوٽڏيجي سميت راجستان واري قديم ماڳ ڪالي بنگن مان هٿ آيون آهن.

گورندي

گورندي وارو قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ نئنگ کان 13 ڪلوميٽر اتر طرف آهي. هيءُ ننڍڙو دڙو اٽڪل اڍائي ميٽر اوچو آهي. قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمدار هن ماڳ جي چوڪ چڪاس ڪندي ٻڌايو آهي ته سمورو علائقو پٿر جي ڪپچين ۾ ڍڪيل هو، جيڪي اتي ڍير ٿيل آهن. ان ماڳ جي ٿانون سان پريل آهي. سندس پرسان هڪ پاڻيءَ جو چشمو آهي. جتان هتان جا رهواسي پيئڻ ۾ زراعت ڪرڻ لاءِ پاڻي استعمال ڪندا هئا. هتان ٺڪر جو ڍڳو، چوڙا، سپين جا چوڙا، عقيق جو مٽڪو ۾ ڪوپر جي منڊي وغيره مليا آهن. قديم آثارن جي ماهرن موجب هيءُ ماڳ شهري تمدن ۾ ڳوٺاڻي ثقافت وارن دورن سان واسطو رکندڙ آهي.

حسن علي

حسن عليءَ جا قديم آثار ڪراچي کان سايا پنجٽيهه ڪلوميٽر اتر اوڀر طرف، سپر هاءِ وي تي آهن. هيءُ ماڳ ميداني علائقي کان 3 ميٽر مٿانهين جڳهه تي آهي. هتان پٿين جي پيڙهه جا نشان مليا آهن. قديم آثارن جي ماهر فليم موجب هڪ بستي

هڙاپا دور يعني شهري تمـدن سـان واسـطو رکنـدڙ آهي.

جهڪـڙ

9 هيءُ مـاڳ مٺـو ديـرو لـڳ لاڙڪـاڻي کـان ڪلوميٽر اولهـه طـرف آهي. لاڙڪـاڻي کـان وارهـه وينـدي روڊ جي اتـرين طـرف نظـر اچي ٿـو. تـاريخ کان اڳ واري دور هيءَ وسندي سنڌو درياهه جي ڪاٻي ڪپ تي هئي. جهوڪر (جهڪر) جا قـديم آثـار ٻن حصن ورهايـل آهن. دڙو ’اي‘ 17 فـوٽ اوچـو آهي دڙو ’بي‘ 63 فوٽ اوچو آهي. دڙو بي سنڌو سـيتا جي شـهري تمـدن واري دور کـان پـوءِ واري زماني سان واسـطو رکي ٿـو. جـڏهن تـه دڙي ’اي‘ جـا هيٺيـان تهـه، مـوهن جي دڙي جي دور سـان واسطو رکن ٿا. دڙي اي جا 3 تهه آهن. مـٿيون تهـه اندو-ساساني دور سان واسطو رکي ٿو. جـڏهن تـه ان جا هيٺيان ٻه تهه سنڌو سيتا جي شـهري تمـدن سان واسطو رکن ٿا. جڏهن ته ڊاڪـٽر رفيـق مغـل چوي ٿو ته دڙي جي هيٺين تهن جو ٻه سنڌو تهـذيب سان واسطو آهي.

جهانگارا

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۽ جوهي کان سيوهڻ واري رستي تي جهانگارا ڳوٺ کان اٽڪل 2 ميل پري ڏکڻ طرف موجود آهي. دڙا اٽڪل 17 فوٽ اوچا آهن. چوڪ چڪاس دوران دڙن تي چن جي پٿر واريون ڪپچيون، چقمقي پرد، خاڪي ٿانون جا پرزا ٺڙيل پڪڙيل مليا آهن. ٺڪر سادا ۽ بنا چٽساليءَ جي آهن. هتان مليل ٿانون جا ڪجهه نمونا موهن جي دڙي واري اسٽوپا پرسان به مليا آهن. هتان ٿامي جي هڪ چيٽي ۽ هڪ آر به لڌي آهي. ان کان سواءِ انساني مٽي جو هڏو ۽ جانورن ۽ ٻڪرين جا هڏا وڏيڪ مليا آهن. هيءَ وسندي هڙاپا دور (شهري تمدن) جي آخري دور جي آهي.

ڪرچات

ڪرچات جو قديم ماڳ دادو ضلعي ۽ ڪيرٿر ۽ ڪيلرو جبلن جي وچ ۾ ڪرچات ڳوٺ ويجهو آهي. هن دڙي جي آسپاس ۾ ٽي چشما وهن ٿا. هتي ٺهيل عمارتن جي بنياد ۾ هڪ پيلي رنگ جو وارياسو پٿر به استعمال ٿيل آهي. هتان ملندڙ باقيات ۾ ڪاري رنگ تي ڳاڙهي چٽسالي وارا ٿانون، ٺڪر جي ڪيڪن جا ٽڪرا، چقمقي اوزار شامل آهن. هتان مختلف قسمن جا مٽڪا به لڌا ويا آهن. جيڪي لاجورد، اسٽيٽائيٽ ۽ ٺڪر جا آهن. هتي جي ٿانون تي ٿيل چٽسالي ۽ رنگ نهايت سهڻا آهن. چٽن ۾ ڪجيءَ جا وڻ، جابلو ٻڪر، اکين جهڙا نمونا، پکين جا مٿا شامل آهن. مجمدار موجب هيءَ وسندي سنڌو تهذيب جي شهري تمدن،

جڏهن ته فليم موجب ڳوٺاٽي ۾ شـهري تمـدن جي ڳڍيل آبادي آهي.

ڪجور

ڪجور جا قديم آثار به دادو ضلعي ۾ ڪرچات ڪان 9 ڪلوميٽر پـري ڏڪڻ اوڀـر طـرف آهن. هتـان قديم آثارن جي ماهرن کي پٿين جا نشان مليا آهن. جن جو بنيـاد ڪـاري پـٿر ۾ ڪڪـرين تي ٻـڌل آهي. هتـان ملنـدڙ ٺـانون ۾ سـڌي ڳچي وارن باسـڻن جـا ٽڪر عام جام آهن. چٽسـالي ٻـه رنگي آهي. ٺـانون تي ڳاڙهسـرو ناسـي رنـگ ۾ هلڪـو ڦڪـو ۾ ڪـارو رنگ ٿيل آهي. هتان مجمـدار کي ٺڪـر جـو هڪ ٻن ڪنـڌن وارو مٽڪـو، جيڪـو اُڪـر سـان آهي، مليـو آهي. هتان ملندڙ باقيـات جـو ڳوٺـاٽي ثقـافت سـان واسطو آهي.

لڪيو (پير لاڪو)

دادو ضـلعي جي ڳـوٺ شـاهه حسـن ڪـان 9 ڪلوميٽر اتر ڏڪڻ ۾ لڪيـو جـا قـديم آثـار مليـا آهن. قــديم آثــارن واري مــاهر مجمــدار هن مــاڳ جي کوٽائي ڪرائي. هن به ڪـڏون ٻن ڪلوميـٽرن تـائين کوٽرايـون. هن بسـتي مـان ڳـاڙهي تـر تي ڪـاري چٽسالي ٿيل ٺڪـر جـا ٺـانو، ٺڪـر جـون ٺهيـل ماتـا ديويون، ڍڳي جون مورتيون، ٺڪر جا ڪنگڻ، موتي، رانديڪا، چقمقي پـرد، اسـٽيٽائيٽ مـوتي مليـا آهن.

مجمدار کي هن ماڳ تان اهڙا بـه ٿـانون مليـا آهن، جيڪي بنا چٽسالي ٺيل سادا آهن. هتـان مليـل ماتـا ديوي جهڙيون مورتيون، هن ڪـان اڳ ڪلي ۾ ميهي مان به مليون آهن.

لوهري

هي مـاڳ دادو ضـلعي ۾ منڇـر ڍنـڍ پرسـان آهن. هي دڙو آس پـاس واري ميـداني علائقي کـان اٽڪـل هڪ ميـٽر مٿـانهون آهي. مجمـدار بـه ميـٽر مٿاڇري کان هيٺ کوٽائي ڪرائي، پـر پـاڻي نڪـرڻ سبب اها اڌ ۾ رهجي وئي. هتان ملنـدڙ ٿـانون مـان ٽن دورن جي نشاندهي ٿئي ٿي. هڪڙا ٿانون، آمري واري دور سان واسـطو رکن ٿـا، ٻيـا گـڏيل آمـري-هڙاپـا دور جـا آهن ۽ ٽيـان آخـري هڙاپـا دور سـان واسطو رکن ٿا. جنهن مـان معلـوم ٿـئي ٿـو تـه هي ماڳ ڳوناٽي ثقافت کـان شـهري تمـدن جي آخـري دور تائين آباد رهيو. مجمدار کي هتـان مسـتطيل ۾ چورس ڪمرن جا نشـان مليـا آهن. ڪيـترن اڏاوتن جي پيڙهه ۾ وڏا وڏا پٿر استعمال ٿيل آهن. هڪـڙي تهـه مـان هڪ گهـر چڱي حـالت ۾ نظـر آيـو آهي، جيڪو ڇئن ڪمـرن، ٻن ڪـوٺين ۾ هڪ ورانـڊي تي ٻڌل آهي.

هتان مليل باقيات ۾ پنج ٺڪر جـا مٽڪـا اُڪـر ٿيـل، ٻن جـانورن جـون مورتيـون، ٽـامي جـا زيـور شامل آهن. هتان مليل ٿانون جو رنگ ڦڪو يا هلڪو ڳاڙهو آهي. ٺڪر جي ٿانون جو تر سنهڙو آهي. مٿن چٽســالي لاءِ ڳــاڙهو، ناســي ۽ چــاڪليٽي رنــگ استعمال ٿيل آهي.

ليلان جي ماڙي

ليلان جي ماڙي جا قديم آثار ڳوٺـاڻي ثقـافت سميت شهري تمدن واري دور سان واسطو رکنـدڙ آهن. هي آثار مولا ۾ قوسي لڪن جي وچ ۾ ڪينجي نئن تي ڪـير ٿـر جي ٻـاهرين قطـار تي واقـع آهن. هتـان جي رهواسـين هي بسـتيءَ هڪ چشـمي جي ويجهو آباد ڪئي هئي.

لوهم جو دڙو

لوهم جو دڙو پيـارو ڳـوٺ اسٽيشـن ڪـان 35 ميـٽر اتـر طـرف دادو ضـلعي ۾ آهي. هي دڙو هڪ پراڻي درياهي وهڪـري تي آهي. مجمـدار کوٽـائيءَ دوران هتان موهن جي دڙي يعـني شـهري تمـدن ۾ ان ڪان پوءِ واري دور جيڪو جهڪڙ دور ڪـوٺجي ٿو، ان جا آثـار ڳـولي لـڌا آهن. هتـان ملنـدڙ ٿـانون تي هلڪــو ڳـاڙهو رنـگ ٿيـل آهن، جنهن مٿـان ڪـاري چٽسالي ٿيل آهي. چٽسالي وارن نمونن ۾ جاميٽري جا نمونا، اڌندڙ پکي، ٻوٽا، پپر جا وڻ، ڦٽي جهڙيـون شاخون شامل آهن. هي ٿانون دڙي جي هيـٺين تهـه مان لڌا ويا آهن. جـڏهن تـه مٿـئين تهـه مـان مليـل ٿـانون جهڪـڙ دور سـان واسـطو رکنـدڙ آهن. ٻنهي تهن مـان ڏڳي جـون مورتيـون، ڌڪـر جـا چـوڙا ۾ رانــديڪا پڻ مليــا آهن. مجمــدار کي هتــان مليــل باقيات ۾ عقيق، اسٽيٽائيٽ جا مٽڪـا ۾ مـوتي، تـور

جـا وت، تـامي جـو چـاقو، نـيزو، پهڻ جي ڏار وارا اوزار ۽ موهن جي دڙي جون مهرون مليون آهن.

اورنگي

هي قـديم مـاڳ ڪـراچي ۾ منگهـو پـير جي ستين ميل جي پٿر کان ڏيڍ ڪلوميـٽر اولهـه طـرف آهي. مجمدار کي چوڪ چڪاس دوران هتان جابجــا ٺڪريــون مليــون آهن ۽ چقمقي پهڻ جي ڏار وارا اوزار به مليا آهن. هي ماڳ تاريخ کــان اڳ جي دور سان واسطو رکي ٿو. جـتي کوٽـائي نـه ٿي سـگهي آهي.

عثمان جي ٻني

هي قـديم مـاڳ عـارب جـو ڳـوٺ کـان 1 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف باران نئن جي اوڀر واري ڪپ تي واهي ڳــوٺ پرســان آهي. مــاڳ جي کوٽــائي دوران هتان 2 فوٽ هيٺ ڪمـرن جـا آثـار نظـر آيـا آهن. سٺ کان وڌيڪ وٿون هتان لڌيون ويون. هتان مليل ٿانون تي ٻن رنگن سـان چٽ چٽيـل آهي، جن جون ڳچيون گهٽي پاڳي سـڌيون آهن. مجمـدار کي چوڪ چڪـاس دوران پهڻ جـا تـيز اوزار مليـا آهن. جـڏهن تـه کوٽـائي دوران سـامونڊي گجي پڻ هٿ آئي آهي.

پئي جو ڪوٽڙيو

پئي جو ڪوٽڙيو، راڃو ديرو کان 10 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي جيڪي ٿانون مليا آهن، تن جو واسطو آمري □ هڙاپا دور سان آهي. جنهن مان معلوم ٿيو آهي ته هيءُ ماڳ ٻنهي دورن يعني ڳوناٽي ثقافت □ شهري تمدن □ آباد هيو.

پوڪراڻ

هن قديم ماڳ مان ملندڙ باقيات جو واسطو آمري جي وائلي تهن مان نڪرندڙ ٿانون سان آهي. هيءُ ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ بستي پوڪراڻ ٽڪرين جي چوٽيءَ تي پوڪراڻ ٻرگهل جي ڏکڻ □ آهي. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي پٿين جا آثار مليا آهن. جڏهن ته هتان جو ڪنڀارڪو فن پڻ خاص قسم جو آهي.

ٽنڊو رحيم

هيءُ قديم ماڳ دادو ضلعي جي تعلقي جوهيءَ □ غازي شاهه کان چار ميل اتر طرف آهي. هتان جا ٿانون ڦڪي مادي سان ٺهيل آهن. جن جي تري تي هلڪو ڳاڙهو يا ڦڪو رنگ آهي. جڏهن ته چٽ ڪاري يا چاڪليٽي رنگ □ آهن.

تئونگ جي ٻٺي

هيءُ آثار دنبر جبل جي اتر اوڀر واري ڪنڊ تي گاج جبلن جي پيرانديءَ کان تئونگ ڳوٺ ويجهو آهن. لئمبرڪ کي هتان ڪوٽائي دوران آمري دور (ڳوٺاڻي ثقافت) □ هڙاپا دور (شهري تمدن) واري دور سان واسطو رکندڙ ٿانون مليا آهن.

احمد شاهه

هيءُ قديم ماڳ دادو ضلعي □ باران ماٿر جي اڀرندي پاسي آريجو ڳوٺ کان ڏکڻ اوڀر □ آهي. هيءُ قديم ماڳ ڳوٺاڻي ثقافت واري دور جو آهي. قديم آثارن جي ماهرن هتان چقمقي پرد، ڪور □ ٺڪر جا ٿانون هٿ ڪيا آهن. اين جي مجمدار کي هتان ڪٺ جي دور جا نشان پڻ مليا آهن.

بچاٽي

هيءُ ماڳ دادو ضلعي □ باران نئن جي اولهه طرف بچاٽي ڳوٺ کان اتر اوڀر طرف آهي. هتان مليل ٿانون شهري تمدن واري دور سان واسطو رکندڙ آهن. هيءُ ماڳ پٿرن □ ٺيڪرات سان ڀريل

آهي. هـتي جـون اڏاوتـون پـٿر ۾ گـاري سـان ٺهيـل هونديون هيون.

ٻاندڙي

دادو ضــلعي ۾ مليــل هيءُ مــاڳ موجــوده ٻانـدڙي ڳـوٺ کـان ٽي ڪلوميـٽر اتـر طـرف آهي. جيڪــو شـهري تمـدن واري دور سـان تعلـق رکنـدڙ آهي. جنهن جي پرسان هڪ چشـمو وهي ٿـو. هـتي جون اڏاوتون پڻ پٿر جـون آهن. مجمـدار کي هتـان هڪ عمارت جا آثار مليا آهن.

بيبيءَ جي پٽ

هيءُ ماڳ آمـري ۾ هڙاپـا دور سـان واسـطو رکندڙ آهي. هتان مليل باقيات ۾ ٺڪر جا ٿانون اهم آهن. هيءُ ماڳ باران نئن چئنل پرسان آهي.

چٽيءَ جو ڪنڌ

هيءُ قديم ماڳ نئن بـاران جي چـور لڪ وٽ آهي. هتان ملنـدڙ باقيـات مـان معلـوم ٿيـو آهي تـه ماڳ ڳوناٽي ثقافت واري دور سان واســطو رکنــدڙ آهي. هتـان جيڪي ٺڪـر جـا ٿـانون مليـا آهن، سـي

آمريءَ جي اوائلي تهن مان مليل ٿانون سان مشابهت رکندڙ آهن.

ڍلاٽي جو ڪوٽ

دادو ضلعي □ باران نئن جي ڪپ تي جهانگاريءَ کان اٽڪل 6 ڪلوميٽر اتر اوپر طرف ڍلاٽي جو ڪوٽ واقع آهي. قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمدار هن قديم ماڳ جي چوک چڪاس ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو آهي ته هيءُ ماڳ ڳوٺاٽي ثقافت واري دور سان واسطو رکندڙ آهي. هتان مليل ٺڪر جا ٿانون ڳچيءَ کان سواءِ آهن. جيڪي آمري جي شروعاتي تهن سان واسطو رکندڙ آهن.

جيري جو ڪلات

هيءُ قديم ماڳ ضلعي دادو □ نئن ڳاج جي ڪاٻي ڪناري تي واقع آهي. هيءُ آثار هڪ پهاڙي اوچائي تي آهن. اها پهاڙي نئن ڳاج ڪئنال کان اٽڪل 10 ميٽر اوچي آهي. هتان ڪافي اڏاوتن جا آثار مليا آهن. هن ماڳ مان مليل ٿانون آمريءَ سان واسطو رکندڙ آهن.

جڏيرن جو دڙو

قــديم آثــارن جــو هيءُ مــاڳ هن وقت ســنڌ بلوچســتان ســرحد تي بلوچســتان جي حــدن انــدر واقعي جهٽ پٽ ٽيمپل ديري ريلوي اسٽيشــن تي آهي. جيڪب آبــاد کــان ســبي وينــدڙ روڊ کــان هيءُ ماڳ ڏيڍ ڪلوميٽر اولهه طــرف ڊنگــارا نئن پرســان آهي. هيءُ مــاڳ ســنڌو ســيپتا جي مشــهور شــهري تمدن ســان واســطو رکنــدڙ آهي. جــڏيرن جــو دڙو، چئن دڙن تي ٻڌل آهي. ماڳ تــان ڪيــترا تــيز پڪــل ساوا ٿانون، سانچا، ٽڪنڊا ڪيڪ مليــا آهن. ان کــان سواءِ ٺڪر جون چوڙيون، جــانورن جــون مورتيــون، سپون، ننڍڙا رانــديڪا پڻ مليــا آهن. هتــان ٻن منهن وارا چقمقي بليڊ پڻ مليا آهن.

ڪڇهو ٿلي

پڪراڻ کان اڍائي ڪلوميٽر ڏکڻ طرف داڦــڙو نئن ويجهو ڪڇهو ٿليءَ جا قديم آثار مليا آهن. هتان اڏاوتن جا نشان مليا آهن. جن جي چوڏاري ٺڪر جا ٽڪرا پکڙيل آهن. هن ماڳ جي اجــا صــحيح نمــوني ڇنڊڇاڻ نه ڪئي وئي آهي.

ڪندر پٽ

هيءُ مــاڳ ســکر ضــلعي جي مــيرپور مــاٿيلو تعلقي کهي ڪنڀجي بازار لنــڊ وچ هڪ پٽ تي واقع آهي. هيءُ آثار قديم هــاڪڙو درياهــه جي هڪ ننڍي وهڪري پرسان پاٽيءَ جي سهنج مليــا آهن.

هتان مليل باقيات ۾ چقمقي پرد، ڪاپر جا ٽڪر، پٿر جا مٽيا شامل آهن. ڪنڊر پٽ جا قديم آثار شهري تمدن واري دؤر سان واسطو رکندڙ آهن.

ڪانڊي واهي ٻٺي

ڳوٺاٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ هي ماڳ دادو ضلعي ۾ نئنگ ماٿري ۾ آهي. هي وسندي قدرتي طور اتانهين دڙي تي آهي. سڄي ايراضي پڪل مٽيءَ جي ذڌڙ ۾ ٺڪرين جي پور سان ڳاڙهي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن ماڳ جا رهائشي آثار چوٿائي ميل ۾ پکڙيل آهن.

ڪرهيو ٻير پانڊاري

هي ماڳ بدين ضلعي ۾ بدين شهر کان ڏکڻ اولهه ۾ 12 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هي ماڳ سنڌو سيپتا جي مشهور شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

ڪرنڊ جي پٽ

هيءُ قديم ماڳ نواب شاهه ضلعي ۾ نواب شاهه جي ديهه نمبر 3 جمڙائو ريگستان جي ڪناري تي آهي. ماڳ شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

کوسو دڙو

هي ماڳ سکر ضلعي جي ميرپور ماٿيلي تعلقي ۾ پير پاڳارو کان اڍائي ڪلوميٽر اولهه طرف کهي ڪينجهيءَ جي ڏکڻ اوڀر ۾ آهي. هي ماڳ موهن جي دڙي جو هم عصر آهي.

ڪونج سر

ماڳ ضلعي بدين ۾ شهر بدين کان اٽڪل 4 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. هي قديم آثار موهن جي دڙي واري شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن.

لنڊي نوڙهي

ضلعي سکر جي ميرپور ماٿيلي تعلقي ۾ بازار لنڊ ۾ کهي ڪينجهيءَ جي وچ ۾ لنڊي نوڙهي جا قديم آثار مليا آهن. هي آثار شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن.

لال چتو

هي ماڳ ضلعي دادو منڇر ڍنڍ جي پسگردائي ترهٽي ڪان هڪ ميل جي مفاصلي تي پير لال ڇتي جي نالي سان منسوب آهي. هيءُ ماڳ سنڌو سپيتا جي شهري تمدن جي آخري دؤر سان واسطو رکندڙ آهي.

ممڙو

ممڙو جا قديم آثار سکر ضلعي روهڙي ڪان ٽي ميل اوڀر آهن. جتان گهرن جي اڏاوت، چقمقي پهڻ، ٺڪر جا ٺنگر ٿانون مليا آهن. هتان مليل گهرن جي پيڙهه پڪين سرن جي آهي. رهائشي آبادي مان هڪ کوهه به مليو آهي. گهرن مان ٺڪر جا ٿانون، ٻارن جا ٺڪر جا رانديڪا، ٽور ڪرڻ جا پٿر جا وٽ مليا آهن. هي ماڳ سنڌو سپيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

مرڪان

هي ماڳ بدين شهر ڪان 15 ڪن ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر طرف آهي. هتان مليل باقيات مان معلوم ٿئي ٿو ته هي قديم ماڳ شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

مشاق

هي قـديم مـاڳ دادو ضـلعي ۾ شـاهه حسـن ڪان اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ منڇــر ڍنـڍ جي اولهه واري ڪناري تي آهي. مجمدار کي هتان ٺڪر ٺـانون، ٺڪــر جــا چــوڙا، چقمقي پٿر جــا ڌار وارا اوزار، عقيق جا مڻڪــا مليــا آهن. هيءُ مــاڳ سـنڌو سـپيتا جي شـهري تمـدن واري دؤر سـان واسـطو رکندڙ آهي.

نزگاٽي جو ڪنڌ

هي مــاڳ دادو ضـلعي ۾ نئن گــاج جي ڪــاڇي پاسي، روهيل جي ڪنـڌ کـان اٽڪـل ڏيـڍ ڪلوميـٽر اولهه طرف آهي. هتان مليل باقيـات آمـري دؤر يـا ڳوٺاٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي.

نڪا

نڪا جو قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ گمرڪ ٽڪر ويجهو آهي. هي ماڳ ڊاڪٽر لوئس فليم 1976ع ۾ ڳـولي لـڌو. هـتي جي اڏاوتن ۾ پـٿر اسـتعمال ٿيـل آهي. هتـان ملنـدڙ ٺڪـر جـا ٺـانون مـوهن جي دڙي مان ملندڙ ٺانون جهڙا آهن.

ڦنگ

هي قديم ماڳ دادو ضلعي ڪوهتراش ڪان ٽي سو ميٽر اتر اولهه طرف واقع آهي. هي ماڳ ڳوناٽي ثقافت واري دؤر سان واسطو رکندڙ آهي.

راڄو ديرو

هيءُ قديم ماڳ دادو ضلعي موجوده راڄو ديرو ڳوٺ جي ڏاکڻين طرف نئن گاج جي ڇورلڪ ڪان اٽڪل 14 ڪلوميٽر اتر اوڀر طرف آهي. هي ماڳ ٻن دڙن ورهايل آهي. اوچي وڏي دڙي مان ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ باقيات ملي آهي. جڏهن ته ننڍي دڙي مان هڙاپا دور (شهري تمدن) سان واسطو رکندڙ وٿون مليون آهن.

روهيل جو ڪنڊ

هي ماڳ دادو ضلعي نئن گاج جي اندر ساڍا 8 ڪلوميٽر واقع آهي سنڌو سيتا جي ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي جيڪي ٽانون ٻيون شيون مليون آهن، سي هن کان اڳ نال آمري مان ملي چڪيون آهن.

سنياسي ٻٺي

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ڪائي ماتري جي الهندي لنگهه ويجهو آهي. ماڳ جي پرسان پاٽي جو چشمو آهي. لئمبرڪ موجب ماڳ سنڌو سپيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي، جيڪو هڪ اوچي ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.

ٿارو ٽڪري

هيءُ قديم ماڳ ڪراچي- ٺٽي روڊ تي گجو جي ڳوٺ کان 2 ڪلوميٽر ڏکڻ اولهه شيخ ترابي جي قبر کان ڏکڻ اوڀر طرف ٺٽي ضلعي آهي. هي ماڳ ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي.

ٽيڙهي بهادر شاهه

هي قديم آثار جهت پٽ ريلوي اسٽيشن کان ڏيڍ ڪلوميٽر اوڀر طرف آهي. ماڳ جي مٿاڇري تان ڪچين سرن جي اڏاوت جا نشان مليا آهن. ماڳ سنڌو سپيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

مهرڳڙهه (بلوچستان)

مهرڳڙهه جا قديم آثار بلوچستان جي بولان لڪ وٽ مليا آهن. فرانسيسي آرڪيالاجيڪل مشن جي ڊائريڪٽر ذان زيري تازو انهن قديم آثارن کي ڳولهي لڌو آهي، جيڪي نئين پٿر دؤر سان واسطو رکن ٿا. انهن آثارن جي عمر 6 هزار ق – م مقرر ڪئي وئي آهي. ماهرن مهرڳڙهه کي ايشيا جي پهرين زرعي وسندي ڪوٺيو آهي. هتي جي رهاڪن سڀ کان پهريان هڪ زرعي سماج جو بنياد وڌو ۽ ٻنيون ڪيڙي فصل اپائڻ جي شروعات ڪئي.

قديم آثارن جو ماهر ذان زيري هن قديم وسندي تي روشني وجهندي چوي ٿو ته هتان جا ماڻهو 6 هزار ق – م کان اڳ نئين پٿر دور ۽ فني، جمالياتي ۽ تخليقي ذهنيت سان مالامال هئا ۽ هو اڏاوتي مهارت رکندا هئا. هنن جي رهڻي ڪهڻي، آرٽ، ٿانون جي ڊيزائن، دفنائڻ جا طريقا ۽ زرعي سرشتو گهڻو ترقي ڪيل هو. (1) هن دؤر ۽ اجان ماڻهن ڌات ڳولهي ڪانه لڌي هئي. ان ڪري اوزار طور پٿر استعمال ڪندا هئا. هو زمين ڪيڙڻ لاءِ پٿر جا هر، فصل جي ڪٽائي لاءِ پٿر جا ڏاٽا، ان پيهڻ لاءِ پٿر جون چڪيون استعمال ڪندا هئا. هو اوزارن ٺاهڻ لاءِ چقمقي پهڻ جي ڌار وارا اوزار استعمال ڪندا هئا. (2)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ذان زيري جي رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، 5 ڊسمبر 1983ع

2. پنهور، ايم ايچ، ”سنڌ جي تـاريخ.... تحقيـق ۽ اشاعت“ ٽماهي مهـراڻ، حيـدرآباد، 1984، شـمارو 2، ص- 163-169

ڪـڙي گل محمد

ڪـڙي گل محمد جا قديم آثار ڪـوئيٽا شـهر ڪـان 3 ميلن جي فاصلي تي آهن. نيچرل هسٽري ميوزم آف آمريڪـا جي هڪ مـاهر والـٽر سـروس 51-1950ع ۾ صـوبي بلوچسـتان جي ڪـوئيٽـا مـاٿر ۾ قـديم آثـارن جي چـوڪ چڪـاس ڪـندي، هيءُ هنـڌ ڳولي لڌو. (1) هن کي اتي پوئين پـٿر واري زمـاني جي شروعاتي دور جا تهه مليا آهن. انهيءَ دور جي ماڻهن کي مٽيءَ جا ٿانون ٺاهڻ به ڪـونه ايندا هئا. (2) هتان ڪـٽ جي دور ڪـان اڳ ٺهيـل پـٿر جـا اوزار لڌا آهن. هتان جا رهـاڪـو ڪچيءَ مـٽيءَ جي گهـرن ۾ رهنـدا هئـا. رڍون پالينـدا هئـا ۽ کيـتيءَ کـان پڻ واقف هئا. جنهن مان اندازو لڳائي سـگهجي ٿـو تـه هـو انهن جـو گوشـت پڻ کائينـدا هئـا. هيءَ بسـتي مشهور ”شـهري تمـدن“ کـان تمـام گهـٽي اڳ جي ”ڳوناٽي ثقافت“ جي دور جي ڳوٺـاٽي آبـادي هـئي. جنهن جي عمـر مـاهرن 4200 ق-م مقـرر ڪــئي آهي. (3)

ڪـڙي گل محمد جي قديم آثارن مان ماهرن کي هڪ دڙي جي 40 فـوٽ گهـرائيءَ کـان پـوءِ اهـڙن قـديم مـاڻهن جـا آثـار مليـا آهن، جيکي بـرتنن جي اسـتعمال کـان پڻ اڻ واقــف هئـا. انهن جـا اوزار صرف پٿر جـا چـاقو، هـڏن جـون سـيون ۽ نـيزا ئي آهن. هو پنهنجا گهر اُس ۾ سڪايل ڪچين سرن جا

ٺاهينـــدا هئـــا، هـــو مالونـــد هجڻ ســـان گـــڏ فن ڪاشتڪاريءَ کان به واقف هئا. (4) هتان جـا بـرتن تمام ٿلها ۾ بدشـڪل آهن. اهي سـندن بـرتن ٺـاهڻ جون شروعاتي ڪوششون پيون نظر اچن. آهستي آهستي هنن ان فن ۾ ترقي ڪئي ۾ اهڙي طرح ڀن قسمن جا ٿانون رائج ٿي ويا. دڙي جي مٿانهين تهـه مان اهڙا ٿـانون مليـا آهن، جن جي بنـاوت ۾ رنگين نقش نگاري اڄ جي ٿانون سان مقـابلو ڪنـدڙ آهي. انهن ۾ پهريون قسم اهڙن بـرتنن جـو آهي، جيڪي ذوب جا برتن ڪونجن ٿا. ڇـو جـو ذوب ۾ لـورالائي جي وادين ۾ زيادهه استعمال هيٺ هئا. انهن ٿـانون جـو تهـه گهـاٽي ڳـاڙهي رنـگ جـو آهي، جنهن تي ڪاري رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي.

مٿئين تهه مان مليل ٿانون تي خاص ڪري هـرڻ ۾ ڪونهت نما ڀئين وارن ڏڳن جون تصويرون ٺهيـل آهن. ٻئي قسم جا اهي برتن آهن، جيڪي سپ کان پهريـان ڪـوئيٽـا جي علائقي ۾ لـڌا ويـا. ڪـوئيٽـا جي برتنن جو تهه ڳاڙهي بجاءِ هلڪــو پــورو آهي ۾ انهن تي جانورن جون تصويرون تمام گهٽ آهن.

حوالا ۾ سمجهاڻيون

1. بخاري، محمود شاهه، ”تـاريخ بلوچسـتان“ ڪوئيٽا 1983ع، ص-23

2. Servis, Fair “Preliminary report on the Pre Historic Archeology of Afghanistan, Baluchi Areas” American Museum of National History 1952

3. Panhwar, M.H, “Chronological Dictionary of Sind” Jamshoro.

4. ڪاڪ، لزلي ايل ”قديم تـرين بلوچسـتان“ ماهه نو ڪراچي، آڪٽوبر 1951ع، ص-43-4

دمب سادات

ڪوئيٽا کان 10 ميـل پـري قلات ڏانهن وينـدڙ رســتي تي ســنڌو ســپيتا جي وارثن جي هڪ اهم بسـتي دمب سـادات ملي آهي. جنهن جي 1942ع ۾ آثار قديمه جي هڪ مـاهر سـٽوارٽ پگٽ کوٽـائي ڪــرائي. دمب ســادات ۾ زمين جي اصــل ســطح تائين کوٽائي ڪرائي وئي. جتـان آبـاديءَ جـا 3 تهـه مليا آهن. آخري تهه مان اعلى قسم جي مـٽيءَ جـا ٿرتن مليا آهن. مٿئين تهـه مـان هڪ چبـوترو مليـو آهي. جنهن جي بنياد جي ڪنڌ ۾ پٿرن سـان تعمـير ٿيل هڪ تهه خانو مليـو آهي. جتـان هڪ ديـوي جي مورتي ملي آهي. مورتي هڪ ننـڍي پليٽ فـارم تي نصب ٿيل آهي. جنهن متعلـق چيـو وڃي ٿـو تـه اهـا ذهوب ديوي جي مورتي آهي. (1)

هن دڙي جي کوٽائي مان معلـوم ٿـئي ٿـو تـه هتي جا ماڻهو گهر ناهي رهندا هئا. سندن گهر ننـڍن ننــڍن ڪمــرن تي مشــتمل هونــدا هئــا. جن جي اندروني ڊگهـائي ۽ ويڪـرائي عـام طـرح 10 ۽ـ 7 فـوٽن جي ويجهـو هونـدي هـئي. سـندن گهـرن جي پيڙهه ۾ پٿر استعمال ٿيل هوندو هو ۽ مٿي اوساري مٽيءَ جي سرن جي ٿيل هوندي هـئي. ڪـٿي ڪـٿي پٿر به استعمال ٿيـل هونـدو هـو. (2) سـندن گهـرن

جي ڪوئين ۽ عام طرح پٿرن جو فرش لڳل هوندو هو ۽ ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ چلهه پڻ ٺهيل هوندي هئي. شهر جي رٿابندي، سنڌو سڀيتا جي ٻين بستين وانگر اعلیٰ قسم جي نه هئي، شهر جون گهٽيون سوڙهيون ۽ ڏنگيون ڦڏيون هونديون هيون. (3) گهرن ۾ اناج ڪٺي ڪرڻ لاءِ مٽيءَ جا برتن مليا آهن. ان ڪان سواءِ گهرن مان شراب ناهڻ جا برتن، پيالا ۽ گلاس مليا پڻ آهن. جيڪي ڏاڍي سٺي مٽيءَ جا ۽ اعلیٰ نموني جي ڪاريگريءَ سان ٺهيل آهن. انهن برتنن کي سهڻن رنگن ۾ چٽن سان سينگاريو ويو آهي. اتان هڪ ڪير ماپڻ جو ٺانون پڻ مليو آهي. (4)

دمب سادات مان مليل مٽيءَ جا اهي برتن خاص ڏيان لهڻ، جن تي اکرن جون نشانيون مليون آهن. اهڙائي نشان ڪوئيٽا مان مليل ٺانون تي پڻ مليا آهن. هي نشان رومي، حرف هجا جي ”وي“ (V)_ ، ”ڊبليو“ (W) ، ”اي“ (A) ، ”تي“ (T) ۽ ٻين حرفن جهڙا آهن. اهي اکر ڪچن ٺانون تي ڪاٺي يا ڪنهن ٻي نوڪدار شيءَ سان لکيل آهن. جيڪي انهن ٺانون جي مالڪن جون خاص نشانيون معلوم ٿين ٿيون. (5)

دڙي جي کوٽائيءَ مان ٽامي ۽ ڪُٽ جا اوزار مليا آهن ۽ سندن ٻيا اوزار گهٽو ڪري هڏن، پٿرن، چقمقي پهڻن ۽ سليٽ جهڙي نرم پٿرن مان ٺهيل آهن. اتان سپن ۽ پٿرن جا سادا مڻيا مليا آهن. سادات جا ماڻهو اناج، اڄ ڪالهه جي ماڻهن وانگر پيهندا ڪو نه هئا، پر ان کي پٿر جي اکرين ۾ ڪٽي استعمال ڪندا هئا. سندن گهرن مان رڍن ۽ ٻڪرين جون به ڪافي هڏيون مليون آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو انهن جانورن جو گوشت

ڪاٺي طور استعمال ڪندا هئا. سندن مکيه ڌنڌو هارپو هيو، ان ڪان سواءِ واپار ڪرڻ مال چارڻ به سندن ڪرت شامل هيو. (6)

دڙي جي ڪوٺائي مان مٽيءَ جا ٺهيل بت مورتيون ڪافي انداز مليون آهن، جيڪي ماتا ديويءَ جون مورتيون معلوم ٿين ٿيون. جن جي ڳچين مٽين جا هار پيل آهن انهن جا وار چيلهه تائين لڙڪندڙ آهن. ماتا ديوي جي مورتين ڪان سواءِ ڪونهه نما ڍڳن گهوڙن جا مجسما پڻ مليا آهن. ماهرن جي چئي مطابق هي گهوڙن جي قديم شڪل آهي، جيڪا نندي ڪنڌ اڄ تائين ڪانه ملي آهي. ان ڪري معلوم ٿئي ٿو ته دنيا پهريون دفعو گهوڙا دمب سادات وارن پاليا. (7)

شهر جي چوڌاري هڪ ڪوٽ جا آثار مليا آهن. جيڪو شايد اتان جي رهواسين شهر جي حفاظت لاءِ اڏيو هجي. (8) هتان ملندڙ باقيات، موهن جي دڙي جي رهواسين جي ملندڙ باقيات سان ڪافي حد تائين مشابهت رکي ٿي. اهڙيءَ طرح هيءَ بستي سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي وارثن جي هڪ اهم بستي آهي، جيڪا بلوچستان جي ڪوئيٽا ماتر ملي آهي.

حوالا سمجهاڻيون

1. بخاري، سيد محمود شاهه، ”تاريخ بلوچستان“ ڪوئيٽا 1983ع، ص-22-23
2. ڪاڪ، لزلي ايل ”قديم ترين بلوچستان“ ماهه نو ڪراچي، آڪٽوبر، 1951ع، ص- 44-46

3. رشـيد پـتي، ”پاڪسـتان جـا پراڻـا شهر“، ص-44-45
4. ڪاڪ، لزلي ايل ، ص-44-46
5. ساڳيو
6. پٺي، رشيد ص-44-45
7. ڪاڪ، لزلي ايل ، ساڳيو
8. پٺي، رشيد، ساڳيو

ستڪاجن در

سـتڪاجن در جـا قـديم آثـار مڪـران جي ساموندي علائقي ۾ درياهـه دشـت جي ڪنـاري تي مليـا آهن. جيڪي ڪـراچيءَ کـان 300 ميـل پـري اولهه طرف ۾ سمنڊ جي ڪناري کان 25 ميـل اتـر طرف آهن.

شـــروعات ۾ هي دڙو آريـــول اســـتائن 28-1926ع جي وچ ۾ ڳولهي هٿ ڪيو ۽ ان جي قديم هئڻ جي نشاندهي ڪئي. (1) بعد ۾ هن بسـتي جي وڌيڪ ڇـــوڪ ڇڪـــاس 1960ع ۾ پنســـليوانيا يونيورسٽي آف آمريڪا جي ميـوزم طرفـان ڊاڪـٽر جارج ايف ڊيلز ڪئي. (2)

اسـتائن شـروعات ۾ هـتي ڪجهـه خنـدقون کوٽايون. جن ۾ 8-9 فوٽ هيٺ زمين مان ٺڪريـون لڌيون. ڪيس کوٽاين مان هڪ قلعي جا آثار به مليا. جيڪـو هڪ ٽڪـري تي تعمـير ٿيـل هـو. اهـو قلعـو مستطيل شڪل جو آهي ۽ اتر اولهه پاسي 17 وال ڊگهو ۽ اوپر طرف 125 وال ويڪرو آهي. ان قلعي

جي اوساري پٿر جي چورس سرن سـان ٺهيـل آهي. جيڪي وري گـاري سـان لنبيـل آهن. (3) ان قلعي جي اولاهين حصي ۾ هڪ دروازي جا آثار مليا آهن. جيڪـو تقـريبن 8 فـوٽ ويڪـرو آهي. انهي دروازي جي ٻنهي پاسن تي مستطيل شڪل جا بـرج تعمـير ٿيـل آهن. (4) قلعي جي انـدر تعمـيراتي آثـار مليـا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿـو تـه اهـو قلعـو شـهر وارن پنهنجي حفـاظت لاءِ جوڙايــو هجي ۾ دروازي تي ٺهيل برج حفاظتي مورچن جـو ڪم ڏينـدا هجن. جيئن ته هي شـهر مڪـران جي سـامونڊي ڪنـاري تي هو. ان ڪـري اڄ کـان 5 هـزار سـال اڳ سـنڌو سڀيتا جا وارث هن شهر مان بندرگاهـه جـو پڻ ڪم وٺندا هجن. جنهن جـو ڪـافي شـهادتون پڻ مليـون آهن. ماهرن کوٽائي مان اهو ثابت ڪيـو آهي تـه ان دور ۾ عراق ۾ سنڌ ۾ جيڪا جهاز راني هلندڙ هـئي. انهي جهاز راني جو مرڪز هيءُ شهر به هيو ۾ هتي پڻ سامونڊي ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا.(5)

کوٽائي دوران ماهرن کي ڪيترن هنـڌن تـان خاڪـــدان پڻ مليـــا آهن. جن ۾ خـــاڪ ۾ انســاني هـڏيون پيـل آهن. جنهن مـان مـاهرن انـدازو لڳـايو آهي تــه هتــان جــا رهواســي انســاني لاشــن کي ساڙيندا هئـا ۾ بعـد ۾ سـندن خـاڪ ۾ هـڏا بـرتن ۾ وجهي پـوري ڇڏينـدا هئـا. هن پـڙي مـان ٻي جيڪـا باقيات ملي آهي. تنهن ۾ پٿر جا چاقو، پـٿر جـا تـير، ٽـامي جــون ٺهيــل ڪهــاڙيون، مــٽي جــون ٺهيــل ڪنگڻيون ۾ ڪجهه چٽسالي ٺيل ٿانون شامل آهن.(6)

هن بستي جي باشـندن جـو اهم پيشـو واپـار هيو. جيڪـو هـو سـمنڊ رسـتي عـراق وغـيره سـان ڪندا هئا. هي ماڻهو سمنڊ کي ويجهو هئڻ ڪــري ۾

ان سان لاڳاپيل رهڻ ڪري ماهي گيري، ڪشتي باني جي فن ۾ پڻ ماهر هيا.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Steinn, Sir, A, “An Archaeological Tour in Waziristan & Baluchistan”, M.A.S.I. No: 37, Delhi 1929

2. بخاري، سيد محمود شاهه، ”تاريخ بلوچستان“ ص-25

3. Sorly, H.T, “Gazetteer of Sindh” P-112

4. صديقي، محمد حنيف، ”سنڌو ماتر جي سپيتا“ ص-54

5. Stien, Sir, A, “An Archaeological Tour in Gedorosia” M.A.S.I No: 43 Delhi 1931, P-71

6. صديقي، ص-54

نال

بلوچستان جي جهالاواڻ علائقي ۾ نال جي قديم آثارن مان شهري تمدن ۽ ڳوٺاڻي ثقافت جي

پنهي دورن جا آثار مليا آهن. سر وهيلر نال بابت چوي ٿو ته اتي جيڪا تمدن اپري، سا موهن جي دڙي کان اڳ جي آهي. (1) نال شهر جي کوٽائي 1925ع ۾ مسٽر هارگريوز ڪرائي. هي شهر به مختلف وقتن تي آباد رهيو آهي. هن شهر بابت هارگريوز جو پڻ اهو ئي رايو آهي ته هن شهر جي اوائلي تهه تي هڪ ڳوٺاٽي بستي وسيل معلوم ٿئي ٿي. جتان پٿر جا اوزار لڌا ويا آهن. (2)

هي ماڳ هڪ قدرتي چشمي تي واقع آهي، جيڪو ٽڪرن مان نڪري ٿو. هي قٽل شهر خضدار کان 3 ميل ڏکڻ اوپر طرف آهي. هن بستي جي کوٽائي دوران هڪ قبرستان مليو آهي. جنهن ۾ لاش پوريل آهن. هڪ ئي قبر ۾ هڪ کان وڌيڪ لاش به پوريل آهن. ڪيترين قبرون اهڙيون مليون آهن، جتي وڏن سان گڏ ننڍن ٻارن ۽ عورتن جا به لاش دفن ٿيل آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو، ڪتنب جا مئل ماڻهو هڪ ئي هنڌ دفنائيندا هئا. لاش اوپر اولهه طرف پوريو ويندو ۽ ان سان گڏ ٿانون به گڏ پوريا ويندا هئا. ڪيترن ٿانون ۾ جانورن جا هڏا، زيور ۽ مڻيا موتي هٿ ڪيا ويا آهن.

هتان مليل نڪر جا ٿانون ۽ زيور هوبهو موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان مليل سامان جهڙا آهن. ٿانون تي سنا چٽ ۽ سهڻيون شڪليون چٽيل آهن. کوٽائي دوران ٽامي ۽ ڪٽ جا ٽانو ۽ هٿيار به مليا آهن. سندن گهرن جي پيڙهه پٿر جي هوندي هئي. انهن گهرن مان مهرون، پٿر جا زيور، ۽ مڻيا لڌا ويا آهن. جڏهن ته سندن گذر سفر پوکي راهي ۽ مال چارڻ تي هوندو هو.

حوالا ۾ سمجهاڻيون

1. Wheeler, S.M "The Archaeology of Pakistan", "The Cultural Heritage of Pakistan" P-21

2. Hazgreaves, H, "Excavations in Baluchistan" M.A.S.I No:35 Delhi – 1927.

راڻا گنڊئي

بلوچستان ۾ راڻا گنڊئي ۾ آبادي جا پنج تهه دريافت ٿيا آهن. جن مان ھڻ صفا شروعاتي تهن ۾ ڳوناٺي ثقافت جا آثار مليا آهن. هي آثار، جن جي اي جي راس 1951 ۾ چوڪ چڪاس ڪئي، تن جا مٿيان تهه شهري تمدن جي دور سان واسطو رکن ٿا. هيٺين تهن تي رهندڙ ماڻهو پهريان ته هٿ جا ٺهيل سادا ٿانون ۽ پٿر جا اوزار استعمال ڪندا هئا، جانور پاليندا هئا ۽ جهوپڙين ۾ رهندا هئا. ان ڪان مٿئن تهه جا رهاڪو انهن کان ٿورو سڌريل معلوم ٿين ٿا. چو جو هو چڪ تي ٿانون ناهيندا هئا ۽ انهن کي خوبصورت بنائڻ لاءِ مٿن چٽسالي ڪندا هئا. سندن ٿانون تي پهريان ڳاڙهي ۾ هيڊي رنگ جا تهه ڏنل آهن. انهن جي مٿان ڪاري رنگ جي مصالحي سان چٽسالي ٿيل آهي. (1) قديم آثارن جي ماهر اي جي راس کي هتان ماتا ديوي جا بت به هٿ آيا آهن. (2)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. صــديقي، محمــد ادريس، ”ســنڌو مــاٿر جي سڀيتا“ ص-25-26
2. ”تاريخ بلوچستان“ ص-23

بالاڪوٽ

بالاڪوٽ جا قديم آثار بلوچستان جي ضــلعي لســٻيلي ۾ ســونمياڻي بنــدر ويجهــو حب نــدي جي ڪناري تي واقع آهن. هن ماڳ جي کوٽائي جي رٿــا هڪ ماهر جارج ايف ڊيلز، ڪيلي فورنيا يونيورسٽي جي هٿ هيٺ تيــار ڪــئي. 1996ع ۾ هن مــاڳ تي چوک چڪاس جو ڪم شروع ٿيو.

کوٽــائيءَ دوران هتــان پــٿين ۾ ڪمــرن جي فرشن جــا آثــار مليــا آهن. هن مــاڳ مــان ڪيــترائي اهــڙا ڪمــرا مليــا آهن، جن ۾ ســرن ۽ پــٿرن جــو نالين ۾ صــحيح ســالم حــالت ۾ مرتبــان مليــا آهن. مــاڳ جي الهنــدي حصــي تي ڪيــترين ئي اوچيــون ديــوارون مليــون آهن، جن کي پبلڪ ائڊمنسٽريشــن جون عمارتون سڏي سگهجي ٿو. هتــان وڏي تعــداد ۾ مٽيءَ جا برتن مليا آهن. مٽي جــون مهــرون تيــار ڪرڻ جي هڪ ڀــٺي بــه ملي آهي. جيڪــا اڃــا چڱي نموني صحيح سالم آهي. ان وڏي ڀــٺي جي پرســان ڪيترين ئي ننڍيون ننڍيون ڀــٺيون بــه مليــون آهن، جن مان ڍاندن جــا مجســما مليــا آهن. قــديم آثــارن

جي ماهرن کي هتان ڪوڏن، سپين، گونگهن جا ٺهيل آرائشي زيور ۽ ٻيو سامان مليو آهي. بالاڪوٽ جي وڏي صنعت سپ ۽ ڪوڏن جون ٺهيل چوڙيون آهن. جيڪي عورتن لاءِ زيور طور استعمال ٿينديون هيون.

هتان جي رهواسين جو واپار اهم ڌنڌو هيو ۽ ماهگيريءَ جي فن کان پڻ واقف هئا. ان ڪري ٻيڙيون ٺاهڻ جي هنر ۾ ماهر هئا. هو پنهنجن ٻيڙين کي هڪالي نه صرف سمنڊ رستي ايراني نار ۾ پهچندا هئا، پر ان کان اڳتي مصر تائين سفر ڪندا هئا.

دبر ڪوٽ

دبر ڪوٽ جا قديم آثار موجوده بلوچستان صوبي ۾ لورالائي جي ڏکڻ ۾ مليا آهن. هي دڙو 113 فوٽ اوچو آهي ۽ ان جو قطر 1255 فوٽ آهي. دبر ڪوٽ قنڌار ڏانهن ويندڙ پراڻي پراڻي رستي تي واقع آهي. هن دڙي جي مٿانهين تهه ۾ سنڌو ماٿري جي دور جون باقيات مليون آهن. جيڪڏهن وڌيڪ کوٽائي ڪرائي وڃي ته هيٺين تهن مان ان کان اڳ جي رهاڪن جي باقيات ملڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي. (صديقي، ص-55)

هڙاپا (پنجاب)

سنڌو سپيتا جي شهري تمدن جو هي اهم مرڪز صوبائي گادي وارو هنڌ موجوده صوبي پنجاب جي ضلعي ساهيوال اڄ واري هڙاپا ڳوٺ جي پرسان راوي ندي جي ڪپ تي آهي. هي قديم شهر موهن جي دڙي کان به اٽڪل 2 سال اڳ قديم آثارن جي ماهرن ڳولي هٿ ڪيو ان جي کوٽائي ڪرائي. (1) هن دڙي جي 12 پيرا کوٽائي ٿي، پر نتيجو گهڻو حوصلي افزا نه نڪتو. هي شهر سڄو پڪسرو ٻڌل هو ڪيس چوڌاري ڪوٽ ٻڌل هو. هڙاپا جي کوٽائي مان اناج رکڻ جو گدام، مزدورن جا ڪوارٽر ٻه قبرستان لڌا آهن. مزدورن جا ڪوارٽر رٿا سان قطار ٺهيل آهن. ڪوارٽرن جي قطارن جي وچ رستا گهرن جي وچ گهٽيون آهن. مزدورن جي بستي جي اولهه ڪارخانن جا نشان مليا آهن. جتي مزدورن جي ڪم لاءِ ٿلها ٺهيل آهن، ٿلهن جي وچ تي اُکري يا چلهه جا نشان آهن. اتي شايد ان چڙهيو يا ڪٽيو ويندو هو. چو جو اتان سڙيل ڪڻڪ جون جا داڻا هٿ آيا آهن. مزدورن جي گهرن جي ويڪر 56 فوٽ آهي، هر هڪ گهر ٻه ڪمرا يا هڪ ڪمرو اڱڻ آهي. گهرن جا فرش پڪسرا آهن. گهر ٻن قطارن ٺهيل آهن. اتر واري قطار ستن ڏکڻ واري قطار اٺن گهرن جا ڦٽل نشان مليا آهن. (2)

اناج جا گدام: هڙاپا مان مليل جاين مان اناج جا گدام پڻ اهميت لائق آهن. اهي گدام وڏا گهڻن مقصدن وارا آهن. هر گدام 30 فوٽ ڊگهو 2

فوت ويڪرو آهي. گدامن جي وچ ۾ وڏا رستا آهن. گدامن جون جايون 4 فوٽ اوچي ٿلهي تي ٺهيل آهن. جيئن برسات جو پاڻي گدامن اندر داخل ٿي، گڏ ٿيل اناج کي نقصان پهچائي نه سگهي.(3)

<u>بٺا:</u> مٿي ذڪر ڪيل مزدورن جي ڪوارٽرن پرسان 16 بٺا مليا آهن. اهي بٺا 3 کان 6 فوٽن تائين ڊگها آهن. بٺن مان مليل شهادتن جي بنياد ماهرن اندازو لڳايو آهي، هنن بٺن ۾ ٽامو يا ٻيا ڌاتو پگهاري انهن مان اوزار ٺاهيا ويندا هئا. بٺن ۾ ڪوئلا ۽ چيٽا ٻاريا ويندا هئا ۽ انهن ۾ لوهه جي نليءَ سان هوا ڦوڪي باهه ٻاري ويندي هئا.(4)

هڙاپا جي شهري رٿابندي، موهن جي دڙي سان مشابهت رکندڙ آهي. گهر ويڪرا ۽ صاف سترا آهن، جن جي وچ ۾ پڌر ۽ چوڌاري ڪمرا ٺهيل آهن. هر گهر ۾ سنان جون جايون، رڌ پچاءَ جي ڪوٺي ۽ سامان رکڻ لاءِ الڳ اسٽور روم ٺهيل آهن. گهرن جي وچ ۾ گهٽيون آهن. جن ۾ پاڻي جي نيڪال جون ناليون ٺهيل آهن. گهرن ۽ رستن ۾ پڪين سرن جو فرش پڌل آهي.(5) هتان مليل باقيات ۾ نڪر جا ٿانون ۽ موهن جي دڙي جهڙيون مهرون لڌيون آهن. ڌاتو جا ٿانون، هٿيار، اوزار ۽ زيور پڻ ساڳيا موهن جي دڙي مان مليل باقيات جهڙا آهن. هڙاپا مان پٿر ۽ پڪل مٽيءَ جا بت ۽ شڪليون مليون آهن.

هڙاپا جي رهواسين جي گذر سفر جو وسيلو پوکي راهي ڪرڻ ۽ مال چارڻ هيو. هو چوپائي مال جو کير، مکڻ ۽ گوشت غذا طور استعمال ڪندا هئا ۽ مال مان سواري جو پڻ ڪم وٺندا هئا. (6) هتان ڪڻڪ، جو، ڪجور ۽ ڪپهه جا آثار مليا

آهن، جنهن مـان ظـاهر ٿـئي ٿـو تـه هـو اهي فصـل ڪندا هئا.

هن دڙي جي ڪوٺـائي مـان قبرسـتان پڻ لـڌو آهي. هڙاپا جـا رهواسـي جنـازي ڪي سـاڙڻ بـدران پورِيندا هئا. هو جنازي سـان گـڏ عـام اسـتعمال جـا ٿانون پڻ دفن ڪندا هئا. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندن عقيـدي مـوجب مئـل مـاڻهو کي قـبر □ انهن شـين جي ضـرورت پونـدي هئـا. جنـازي کي قـبر □ اماڻڻ کان اڳ سـنواريو □ سـينگاريو وينـدو هـو. ان کي سپ، عاج □ ٽامي جا زيور پارائي پوءِ دفن ڪيو ويندو هو.

حوالا □ سمجهاڻيون

1. Vats M.S. “Excavations at Harappa” 2 vol's, Delhi 1949.

يا صديقي، محمد ادريس، ”سنڌو مـاتر جي سـپيتا“ حيدرآباد 1979، ص-48

OR Wheller- Indus Civilization, P-22-24

2. صديقي، ص-49-50

3. صديقي، ص-49

4. Vats, M.S “Excavations at Harappa” 2 vols:

5. Vats, Same.

گنويري والا

گنــويري والا جــو قــديم مــاڳ پنجــاب جي بهاولپور ضلعي ۾ واقـع آهي. هن مـاڳ جي کوٽـائي تازو قديم آثارن جي ماهر ڊاڪٽر محمد رفيق مغــل ڪرائي. هيءُ موهن جي دڙي جو هم عصر تهــذيبي شــهر آهي. ڊاڪــٽر مغـل انڪشـاف ڪيـو آهي تـه گنويري والا سنڌو ماٿر جو مرڪز ۾ هڙاپا ۽ مــوهن جي دڙي جي وچ تي واقع آهي. هي ماڳ ڪــو ننــڍو ڳــوٺ نــه هيــو پــر گهٽ ۾ گهٽ 200 ايڪــڙن تي ڦهليل شهر آهي. ان شهر جي وسعت جو اندازو ان مان لڳائي سـگهجي ٿـو تـه هي هڙاپـا کـان گهٽ ۾ گهٽ 4 ايڪــڙ وڏو ۽ مـوهن جي دڙي کـان 5 ايڪـڙ ننڍو آهي.

گنــويري والا، مــوهن جي دڙي وانگــر مــڙني خاصـيتن جـو حامـل آهي. هن شـهر جـو نقشـو بـه سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي ٻين شهرن جهڙو آهي. يعني هن شهر جو هڪ حصو قلعه نمــا بلنــدي تي آهي ته ٻيو حصو هيٺانهين هنڌ تي آهي. گنــويري والا جي مليل آثارن مان اها ڳالهه ثابت ٿـئي ٿي تـه هڙاپا، موهن جي دڙي ۽ گنويري والا جي باقيــات ۾ هڪ تسلسل موجود آهي.

هتان مليل برتن، آرائشــي ســامان، مصــوري جا نمونا، مٽي جون ٺهيل ٻيل گاڏيون، ڦيٽن جا نمونا هوبهو موهن جي دڙي مان مليل باقيات جهـڙا آهن. جنهن مان معلـوم ٿـئي ٿـو تـه سـنڌو مـاٿر تي هڪ زبردست حڪومت هئي، جنهن جي دؤر ۾ هي شهر اڀريا ۽ اسريا ۽ انهن شـهرن وچ ۾ تمـدني سلسـلو ڳنڍيل هو.

بنون (خيبر پختون خواهه)

تازو بنون کان 13 ميل ڏکڻ □، توچي ماٿر □ ڪجهه قديم آثار مليا آهن. بنون جا 2 دڙا ڪوٽڏجي جي ڪلچر سان واسطو رکندڙ آهن، اهي توچي ندي جي ڪاپي ڪناري تي آهن. هنن قديم آثارن جو پتو پشاور يونيورسٽي جي آرڪيالاجي واري شعبي جي ماهرن لڳايو آهي.

هن ماڳ تان مليل باقيات مان پتو پوي ٿو ته هي سنڌو ماٿر جي ڳوناٽي ثقافت جي وارثن جي اهم بستي هئي. ٻنهي دڙن جي ڪوٽائي مان ڪوٽڏجي جي ٽائيپ جا چوڙا، پٿر جا ڪات □ ٻيو سامان مليو آهي.

خيبر پختون خواهه صوبي جي گومل ماٿر جي قديم آثارن مان ملندڙ سامان □ بنون مان مليل باقيات □ ڪافي مشابهت آهي. هي ماڳ هڪ زرعي آبادي پيو معلوم ٿئي □ هتان جا ماڻهو مالوند پڻ ڏسڻ □ اچن ٿا. (1) هن ماڳ جي ملڻ ڪري شهري تمدن کان اڳ جي ڳوناٽي ثقافت تي ججهو مواد ملي سگهي ٿو □ اسان جي تاريخ کان اڳ جي زماني بابت معلومات □ به اضافو ٿي سگهي ٿو.

حوالا □ سمجهاڻيون

1. Channa, Mehboob Ali, “Pre-Harappa Civilization in Indus Valley” An Article in “Sind Quarterly, 1978-1, p-18-19”

سري ڪولا

سري ڪولا جا قديم آثار موجوده خيبر پختون خواهه صوبي □ پشاور □ راولپنڊي کي ڳنڍينـدڙ روڊ تي مليا آهن. هن قديم آثار کي ماهرن 1967ع جي آخر ڌاري ڳولهي لڌو. (1) جـڏهن تـه کوٽـائي مـئي 1968ع □ ڪرائي وئي.

هن قديم بستي جا هڪ ٻئي هيٺان 4 تهه مليا آهن، جيڪي 4 مختلف دورن سـان واسـطو رکنـدڙ آهن. (2) سري ڪولا جو آخري تهه يعــني زمين تي پهرين آبادي جو واسطو آخري پــٿر واري دؤر ســان آهي. هن تهه مان پـٿر جـا اوزار مليـا آهن. ان کـان مٿان واري ٻئي تهه مان ڳوناٽي ثقافت جي دور جــا آثـار مليـا آهن. هن تهـه مـان ملنـدڙ باقيـات هوبهـو ڪوٽڏجي جي قديم آثارن مان ملندڙ باقيات جهــڙي آهي. (3) جڏهن ته ٽيون تهــه ان کـان پــوءِ جي دور جـو آهي. جتـان هڪ قـديم قبرسـتان جـا آثـار مليـا آهن. چوٿين تهه مان وڌيڪ سـڌريل آبـادي جـا آثـار مليــا آهن. هن تهــه تي جوڙيــل جــاين □ پــٿر جـــو استعمال ٿيل آهي. هتان ملندڙ پڪل مٽيءَ جا بت □ ٺڪر جا ٿانون خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. (4)

سري ڪــولا جـا قـديم آثـار سـنڌو سـپيتا جي ڳوناٽي ثقـافت جي دور سـان واسـطو رکنـدڙ آهن. هن بستي جي ٽئين تهه مان ملندڙ قبرسـتان خـاص اهميت رکندڙ آهي. جيڪو برصغير □ ان نوعيت جــو پهريون قبرستان آهي. جتي قبرون سـڌين قطـارن □ اوپر کان اولهه طـرف ٺهيـل آهن. مـڙدن جـا مٿـا اوپـر طـرف □ پـير اولهـه طـرف آهن □ اهي سـڌا سمهاريل آهن. عورتن □ مـرد الـڳ الـڳ قطـارن □

پوريـل آهن. (5) قـبرن مـان عـام اسـتعمال جـون شـــيون نـــه مليـــون آهن. جيڪي ان دور جي ٻين قبرستان مان عام طور تي مليون آهن. سري ڪولا جي قبرستان مان عورتن، ٻارن ۽ مردن جي مليـل لاشن مان هتان جي نسلي تـاريخ تي بهـتر روشـني پئجي سگهي ٿي.(6)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Khan, F.A, “A Pre-historic settlement discovered near Taxila” The Pakistan Times, 14 June 1968.
2. Halim, M.A, “Preliminary report on Sarai Khola Excavation” 1968
3. Beruhard, Wolfram, “Preliminary report on the Human Skeletal Remains from the Pre-Historic Cemetery of Sarai Khola” Pakistan Archaeology, No: 6, 1969, Karachi, P-101-114
4. Beruhard, P-101
5. Halim, 1968
6. Beruhard, P-101-114

منڊيگڪ (افغانستان)

سنڌو سڀيتا جا قـديم آثـار، سـنڌو مـاٿر کـان ٻاهر افغانستان تـائين مليـا آهن. منـڊيگڪ جي هڪ ماڳ تان جيڪو افغانستان جي قنڌار پرڳڻي ۾ آهي، اتان جي کوٽائي موسيوزان مـيري ڪاسـل کـرائي هئي. کوٽـائي دوران قـديم آثـارن وارن مـاهرن کي ڏهين والار واري دڙي وٽ اوچتــوئي اوچتــو اهــڙا ڳوٺ ملڻ بنـد ٿي ويـا، جتـان جـو ٺيڪـراٺ کوئيٽـا واري ٺيڪرات سان مشاهبت رکندڙ هو. اتان هڪڙو ڪـوٽ آيـل شـهر هٿ آيـو. ان ڪـوٽ جـون پـتيون هيٺان اڍنگـائي سـان ٺڪيـل چـورس پـٿرن جـون ۽ مٿان ڪچين سـرن جـو ٺهيـل آهن. اوسـاري گـاري جي ٿيــل آهي. ڪــوٽ جي چــورس بــرج بــه آهن. ڪوٽ جو هي نمونو اوائلي ڪوٽـڏجي (قـديم آثـار) واري ڪوٽ سان گهڻو ملي اچي ٿو.

منديگڪ جا قديم آثار ڳوٺاٽي ثقافت سان گڏ شهري تمـدن سـان پڻ واسـطو رکنـدڙ آهن. شـهر جي مٿـئين تهــه، جنهن جـو واسـطو شـهري تمـدن ســان آهي، ان مــان مــوهن جي دڙي مــان لــڌل ”پروهت راجا“ جهڙو هڪ پهڻ جو مٿـو لـڌو آهي. (1) هتان ٽانون تي چٽسالي جـا نمونـا، هن کـان اڳ سنڌو ماٿر جي ٻين قديم ماڳن مان ملي چڪا آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. لئمبرڪ، ايچ.ٽي، ”سنڌ-هڪ عام جائزو“ ص- 168-167

ڪالي بنگن (راجستان)

سنڌو سڀيتا جو هيءُ قديم ماڳ هندستان جي صوبي راجستان جي ضلعي گنگانگر ۾ مليو آهي. هي ماڳ پراڻي هاڪڙي (سرسوتي) ندي جي ڪاٻي ڪناري تي 12 ميٽر اوچي دڙي جي شڪل ۾ موجود آهي. ڪالي بنگن ۾ آثار قديمه جي ماهرن کي ڳوٺاڻي ثقافت سان گڏوگڏ شهري تمدن جا آثار پڻ مليا آهن. (1) هن بستي جي صفا هيٺين شروعاتي تمدن مان ڪوٽڏجي مان مليل ٿانون جهڙا ٿانون مليا آهن. جڏهن ته مٿيان تهه جيڪي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن، اتان هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان مليل باقيات جهڙي باقيات ملي آهي. (2) هندستان جي قديم آثارن جي ماهرن جو چوڻ آهي ته هن شهر جي اڏاوت جو نمونو سنڌو سڀيتا جي شهرن جهڙو آهي. رٿا به ساڳي آهي ۽ ساڳئي قسم جون شيون مليون آهن. (3)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Mughal, M.R, “The Present State of Research on the Indus Valley Civilization” P-3

2. سمراٽ، گنگارام، ”سنڌو وسوڙير“ ص-137

3. Indian Archaeology [A Review] 1960-61 P-23 to 31

لوٿل

ڪنپات جي نار جي ڪناري تي سنڌو سڀيتا جي وارثن جو خوبصورت شهر لوٿل هيو. هن شهر جي کوٽائي مان سامونڊي جهازن جي هڪ وڏي گودي ملي آهي. جيڪا سڄي پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (1) ان گودي جي ڊيگهه 71 فوٽ ۾ ويڪر 12 فوٽ هئي. گودي جي پرسان گودامن جا نشان مليا آهن. جن ۾ سمنڊ رستي ٻاهر ويندڙ يا ٻاهران ايندڙ سامان رکيو ويندو هوندو. لوٿل ۾ مليل سامونڊي گودي تان سنڌو سڀيتا جي وارثن جو سميريا سميت ٻين ملڪن سان واپار هلندڙ هو. قديم آثارن جا ماهر لوٿل کي سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي وارثن جو سامونڊي بندرگاهه وارو شهر سڏين ٿا.

لوٿل جي کوٽائي مان اتان جي رهواسين جي سامونڊي سرگرمين بابت وڏيڪ ثابتيون مليون آهن. اتان مليل ٻيڙين جون تصويرون ۾ سامونڊي جانور ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. خاص ڪري مٽي مان ٺهيل لنگرن ۾ بادباني ٻيڙن جا نمونا ماهرن جي مٿين راءِ کي وڏيڪ وزن ڏين ٿا ته لوٿل سنڌوءَ جي رهواسين جو سامونڊي بندرگاهه هيو. ڪجهه ماهرن موجب بندر جي گودي شهر جي زندگي جي ٻئي دؤر ۾ تعمير ڪئي وئي هئي ۾ اها ڇوٿين دور تائين استعمال ۾ ايندي رهي. اهو سڄي دور اٽڪل 210 ق-م کان 180 ق-م تائين جو آهي. (2) هن خطي کي سميريا وارا سمنڊ وارو ملڪ سڏيندا هئا ۾ اتان جا واپاري سمنڊ رستي پنهنجو سامان ڪٽي ايڏانهن ويندا هئا.

لوٿل ۾ ٺيل عمارت سازي، موهن جي دڙي ۾ هڙاپا سان مشابهت رکندڙ آهي. گهٽين جي

رٿابندي، معياري پڪل سرن سان جاين جي اڏاوت ٿيل، پاٽي جي نيڪال لاءِ نالين جو وڇايل ڄار، هوبهو موهن جي دڙي جهڙو آهي. هتان مليل مهرن تي موهن جي دڙي مان مليل مهرن وانگر جانورن جون شڪليون ۽ تحريرون اُڪريل آهن، مخصوص شڪل شبيهه ۽ چٽن وارا ٺڪر جا ٿانون ۽ اناج جي ذخيري ڪرڻ لاءِ گدام به لوٿل مان مليا آهن. (3)

شهر جي نقشي ۽ ڪوٽ جي رٿا ۽ نشان پڻ مليا آهن. لوٿل مان قديم آثارن جي ماهرن کي مٽڪن ٺاهڻ جي صنعت جو پتو لڳو آهي. هن کان اڳ اهڙي صنعت جا آثار سنڌو سيپتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ شهر چانهون جو دڙو (نوابشاهه-سنڌ) مان مليا آهن. هي شهر، جنهن کي ججهي تعداد ۽ پنهنجون صنعتون هيون، سو ذري گهٽ يقين جي حد تائين ضلعي يا صوبي جو مرڪزي شهر هيو. (4)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Wheeler, S.M, “Indus Civilization” 1960, P-5-52

2. لئبرڪ، ايڇ ٽي، ”سنڌ-مسلمانن جي فتح کان اڳ“، ص-53-54

3. لئبرڪ، ساڳيو، ص-56-58

4. لئبرڪ، ساڳيو، ص-56-58

راکي ڳڙهي

ڀارت جي رياست هريانه مان راکي ڳڙهي جي قديم ماڳ تان سنڌو سڀيتا جا قديم آثار مليا آهن. ماهرن موجب راکي ڳڙهي جو قديم ماڳ موهن جي دڙي جي قديم آثارن کان به وڌيڪ ايراضي تي ڦهليل آهي. هي ماڳ 568 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هن ماڳ تان ٽامي جا برتن، هار سينگار جو سامان، مڇين ڦاسائڻ جا هڪ، هڏين جون ٺهيل وارن ۾ وجهڻ جون پنون، ٻارن جا رانديڪا، تور ڪرڻ جا وٽ ۽ وڏي انگ ۾ مهرون مليون آهن. مهرن تي چيتي جي شڪل چٽيل آهي. هتان انساني جسم جو 4 ڍانچا مليا آهن. جن ۾ 2 مردن، هڪ عورت ۽ هڪ ٻار جو ڍانچو شامل آهي. هي انساني ڍانچا اڄ کان 5 هزار سال آڳاٽا آهن. راکي ڳڙهي قديم سنڌ سڀيتا جي شهري تمدن جي دور سان واسطو رکندڙ ماڳ آهي. جتان سليقي سان رهڻ جا پڪسراوان گهر، ويڪريون ۽ ڊگهيون گهٽيون مليون آهن. گهرن اندر غلسخانه به ٺهيل آهن. هتان ملندڙ رانديڪن ۾ ڪتي جي شڪل جي مورتين جو وڏو انگ شامل آهي. (1)

1. http://www.haryana-online.com/rakhigarhi.htm

   http://indiatoday.intoday.in/story/rakhigarhi-all-set-to-be-developed-as-a-heritage-site-as-plans-road-to-fame-through-harappa/1/260032.html

http://www.ancient-origins.net/news-history-archaeology/5000-year-old-skeletons-harappan-civilization-excavated-india-002920#ixzz3oIN5BUQ2

ڍولا ويرا

ڍولاويرا سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان
واسطو رکندڙ قديم ماڳ آهي. جيڪو ڀارتي رياست
گجرات جي ڪڇ ضلعي □ واقع آهي. هي قديم
ماڳ 250 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هي ماڳ انڊين
آرڪيالاجي جي ماهر جي پي جوشي 1967ع ڌاري
ڳولي لڌو، جنهن جي کوٽائي آرڪيالاجيڪل سروي
آف انڊيا طرفان 1990ع □ بعد □ 2005ع ڌاري
ڪرائي وئي. هي ماڳ موهن جو دڙو □ هڙاپا وانگر
سنڌو سڀيتا جي 8 وڏن ماڳن □ شامل آهي. هن
ماڳ تان سون، ٽامي □ چاندي جا زيور، مهرون،
رانديڪا □ ٻيون شيون مليون آهن. جڏهن ته هي
شهر به موهن جي دڙي وانگر شهري رٿابندي جو
اعلى مثال آهي. هي ماڳ سنڌو سڀيتا جي دور جي
رهواسين جو واپاري مرڪز هيو، جتان پرڏيهه سان
واپار ڪيو ويندو هو. (1) هن ماڳ تان مليل هڪ
پاڻي جو حوض يا تلاءُ خاص اهميت لائق آهي. جنهن
کي ڀارت جا قديم آثارن جا ماهر موهن جو دڙو
مان مليل حوض کان وڏو قرار ڏين ٿا. جڏهن ته
اهو تلاءُ موهن جي دڙي مان مليل پاڻي جي حوض
سان مشابهت رکندڙ آهي. تلاءِ يا حوض □ هيٺ
لهڻ لاءِ ڏاڪا نهيل آهن. هن تلاءَ جي ويڪر 96

فوٽ آهي. جڏهن ته ڊيگهه 73 فوٽ ۽ اونهائي 32 فوٽ کان وڌيڪ آهي. (2) ماهرن موجب ان تلاءَ ۾ پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو هو.

1. Possehl, Gregory. (2004). The Indus Civilization: A contemporary perspective, New Delhi: Vistaar Publications, ISBN 81-7829-291-2, p.67
2. http://asi.nic.in/asi_exca_2007_dholavira.asp

مددي ڪتاب

1. Baloch, N.A, “In Search of the Indus Culture Sites in Sind”, Bulletin of Institute of Sindhology, Jamshoro, Vol: III, July 1973
2. Beruhard, Wolfram, “Preliminary report on the Human Skeletal Remains from the Pre-Historic Cemetery of Sarai Khola” Pakistan Archaeology, No: 6, 1969, Karachi
3. Casal, J.M. “Fresh digging at Amri” Archaeological Dep’t: of Pakistan, 1964, Vol: 1

4. Channa, Mahboob Ali, “Pre-Harappan Civilization in Indus Valley” Sind Quarterly, 1978-1
5. Channa, Mehboob Ali, “Pre-Harappa Civilization in Indus Valley” An Article in “Sind Quarterly, 1978-1
6. Chatterji, S.K, “Modern Review” December 1924
7. Daily Dawn, January 23rd, 2016
8. Daily Dawn, Karachi, 13 January 2009
9. Exploration at Naru Waro Daro, Archaeological Deptt: of Pakistan, 1964- vol: 1
10. Flame, Louis “The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind” 1881
11. Flame, Louis, “The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind” (CA 4000-2000 B.C), A dissertation in South Asia Regional Studies, Pennsylvania, 1818
12. Fleet, I.F, “Seals from Harappa” J.R.A.S, 1912
13. Gauhar, Altaf, “Twenty years of Pakistan” 1947 to 1967, Karachi, 1969
14. Halim, M.A, “Preliminary report on Sarai Khola Excavation” 1968

15. Hazgreaves, H, “Excavations in Baluchistan” M.A.S.I No:35 Delhi – 1927
16. http://asi.nic.in/ asi_exca_2007_dholavira.asp
17. http://indiatoday.intoday.in/story/ rakhigarhi-all-set-to-be-developed-as-a-heritage-site-as-plans-road-to-fame-through-harappa/ 1/260032.html
18. http://www.ancient-origins.net/ news-history-archaeology/5000-year-old-skeletons-harappan-civilization-excavated-india-002920#ixzz3oIN5BUQ2
19. http://www.haryana-online.com/ rakhigarhi.htm
20. Indian Archaeology [A Review] 1960-61
21. Khan, Dr. F.A, “Kotdigi- Preliminary Report on Kotdigi Excavations” 1956-58, Karachi.
22. Khan, F.A, “A Pre-historic settlement discovered near Taxila” The Pakistan Times, 14 June 1968
23. Lambrick, H.T, “Sindh before Muslim Conquest” 1973

24. Mackay, E.J.H, “Further Excavation at Mohen jo Daro” 2 Volumes, Delhi, 1938.
25. Majumdar, N. G “Exploration in Sind”, Archaeological Survey of India No: 48
26. Majumdar, N. G, “Exploration in Sind” M.A.S.I No: 48, Delhi, 1934
27. Marshall, Sir John, “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1-3, London 1931
28. Modern Review, February, 1925
29. Mughal M.R, Dr. “The Dawn of Civilization of Sindh”, Sind Quarterly, 1980-1
30. Mughal, M.R, “Archaeology of Sindh” 1975
31. Mughal, M.R, “Present state of Research on the Indus valley Civilization” Karachi, 1973
32. Mujmadar, N.G, “Exploration in Sind”, Indus Publication KARACHI, 1981
33. Panhwar, M.H, “Chronological Dictionary of Sind” Jamshoro
34. Pithawala, M.B, “Historical Geography of Sindh” Institute of Sindhology, Jamshoro
35. Possehl, Gregory. (2004). The Indus Civilization: A contemporary

perspective, New Delhi: Vistaar Publications
36. Servis, Fair “Preliminary report on the Pre Historic Archeology of Afghanistan, Baluchi Areas” American Museum of National History 1952
37. Sorly, H.T, “Sind Gazetteer” Karachi, 1968
38. Steinn, Sir, A, “An Archaeological Tour in Waziristan & Baluchistan”, M.A.S.I. No: 37, Delhi 1929
39. Vats M.S. “Excavations at Harappa” 2 vol's, Delhi 1949
40. Wheeler S.M. “The Archaeology of Pakistan” The Cultural heritage of Pakistan, Karachi, 1955
41. Wheeler, S.M, “Civilization of Indus Valley and Beyond”
42. Wheeler, S.M, “Early India & Pakistan”
43. Wheeler, S.M, “Indus Civilization” 1960
44. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
45. الانا، غلام علي، ”اڻا مينهن ملير“،
46. بخـــاري، ســـيد محمـــود شـــاهه، ”تـــاريخ بلوچستان“ ڪوئيٽا 1983ع

47. پنهور، ايم ايچ، ”سنڌ جي تـاريخ.... تحقيـق اشـاعت“ ٽمـاهي مهـراڻ، حيـدرآباد، 1984، شمارو 2
48. خـان، ڊاڪـٽر ايـف اي ”ڪوٽـڏجي ڪلچـر“ ماهوار هلال پاڪستان ميگزين، روزانــه هلال پاڪستان ڪراچي، 1983ع
49. ذان زيــــري جي رپــــورٽ، روزانــــه هلال پاڪستان، ڪراچي، 5 ڊسمبر 1983ع
50. رشيد ڀٽي، ”پاڪستان جا پراڻا شهر“
51. روزاني ڪــــاوش، حيــــدرآباد، 14 جنــــوري 2009ع
52. سمراٽ، گنگارام، ”سنڌو وسوۋير“
53. ســومرو، مــولا بخش اي.،”ڪوٽــڏجي-آثــار قديمــه جـــو هڪ نشـــان“ ٽمــاهي مهـــراڻ حيدرآباد، 1962 پرچو نمبر 4
54. شيدائي، رحيم داد خان مولائي، ”تمدن سنڌ“ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1959ع
55. صـديقي، محمـد ادريس، ”ســنڌو مــاتر جي سڀيتا“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979
56. ڪاڪ، لـزلي ايـل ”قـديم تـرين بلوچسـتان“ ماهه نو ڪراچي، آڪٽوبر 1951ع
57. لئمبرڪ، ايچ ٽي، ”تاريخ سنڌ“ جلد 1، ”ســنڌ هڪ عام جائزو“
58. لئمبرڪ، ايچ. ٽي، ”تاريخ سنڌ“ جلد 1،”سنڌ مسلم فتح کان اڳ“
59. ميمڻ، سراج الحق، ”آمري“ قسط-1-2، ماهوار نئين زندگي، مارچ اپريل 1966ع